# پکيئڙا ولر کان وڇڙيا

(ناول)

گوبند مالهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پکيڙا ولر کان وڇڙيا

(ناول)

گوبند مالھي

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظمت ادبي اڪيڊمي نمبر ٧٠

# ڍڪڻ ٽڙا ولر ڪان وڇڙيا

## گوبند مالهي


| | |
|---|---|
| ڇاپو | ٻيو |
| پهريون ڇاپو | مارچ ١٩٤٣ |
| ٻيو ڇاپو | آگسٽ ١٩٩١ |
| ٽائيٽل | فتاح هاليپوٽو |
| تعداد | ٥٠٠ |

قيمت 25.00

ڇپرائيندڙ: م. ع. ميمڻ
پاران: عظمت ادبي اڪيڊمي ١٣- نظام لاج
گاڏي کاتو حيدرآباد
ڇاپيندڙ: احمد برادرس پريس، ناظم آباد- ڪراچي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيامن جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪريان.

الڪل ويهن ورهين اڳ جوئي ذڪر آهي.

منهنجي ڏاڏي صبوح شام ”اڊائي گهرن“ جي خير جي دعا پنندي هئي. موسيٰ خان جي ڌيءَ زينت ۽ مان ادڙن دادڙن راند رمندا هئاسين. مان ڪڏهن چڙي هن کي ڳل ڏاري چماٽ وهائي ڪڍندو هوس ته هوءَ پاپيءَ وٽ دانهين ويندي هئي.

پاپي هن جا وار سنواريندي هئي، هن کي گود ۾ ويهاري پيار ڪندي هئي ۽ مونکي ......... جهڻڪندي هئي.

مان ۽ منهنجي پيءُ هر روز چاچي عبدالله کان خرچي گهرندا هئاسين گويا هو اسانجي پيءُ جو سڳو ڀاءُ هو.

سيندس طبيب عليل علوءَ ماءَ جي دوا درمل مفت ڪندو هو، ائين جيئن پٽ ماءُ جي سنڀال لهي.

علوءَ ماءُ جي ڏنيل ڌيءَ جنت خاتون وري سينداس جي شرارتي پٽ ليکوءَ لاءِ رسيل صوفي ۾ اڪائي رکندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواره هيمون آڙ ٻنگايون ڪڍي، ڏينارام جي موچڙن ڪان بچڻ لاءِ عثمان ڏوبيءَ جي گهر وجي پناهه وٺندو هو.

عثمان جي مڙهي ماءُ کي ٻه اوڪي مهل ايندي هئي ته ڏينارام وٽ ئي ڊوڙي ايندي هئي.

مکي وريلداس جي گهر واري ويم ۾ گذاري ويئي ته... دائي حليمان تئين چاول ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي تاتيو نپايو. مکي مرکي مرندي مري ويو، حليمان جو احسان ڪڏهن ڀلائي نه سگهيو.

۽ آهو آبهم.......... سيٺ جهامراءِ!

* * * * *

ٻه سال اڳ سيٺ جهامراءِ کي حليما جي موت جي خبر ملي ته هنجي نيڻن مان جهر جهر ڪندا لڙڪ لڙي پيا.

نيڪو اڄان تائين جنت خاتون سان خطپٽ جو رستو رکندو اچي.

آواره هيمون اڄ به عثمان ۽ هنجي ماءُ کي ياد ڪندو آهي.

منهنجي پيءُ به چاچي عبدالله کي وساري نه سگهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ زينت!

اکثر نيڻن ۾ خمار ڀري، چمن تي موڪ آئي،
سرخ گل کڻي منهنجي سامهون اچي بيهندي آهي.

*　*　*　*　*

ويهن سالن ۾ دنيا جي اتساه ڪافي ڪروٽ بدليا.
۱۹۴۷ع ۾ ته ڀيانڪ ڀوڪنپ ٿيو.
گهر اجڙيا، ڳوٺ ۽ شهر برباد ٿيا. لکين انسان جلاوطن ٿي ويا.
حيوانيت انسانيت کي نگهوسار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انسانيت مٽي ڪانه!
انسانيت پوين پساهن تي پهچندي به زندگي طرف هاسو وڌايو.

گوبند مالهي

۱۰ جولاءِ ۱۹۵۳
بمبئي

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

سوڀي گيانچنداڻيءَ

کي

زندگي منهنجي ۾ اي دوست جڏهين تون آئين
جهڪ طوفان ۾ ڪشتي کي ملي ويو ساحل
منهنجي بيگانه جواني کي هو رهبر جو ضرور
منهنجي قسمت هئي جو تو جهڙو ٿيو رهبر حاصل

(آنچل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارهن جا ڌڪا ٻڌي ڪندن بستري تي اٿي ڪڙو ٿي ويٺو. اونده سبب هو ڪجهه ڏسي ته نه ٿي سگهيو پر ٻڌس جا ڪونگهرا صاف ٻڌي پئي ٻڌا. ماڻس کي به سمجهائين ته، پوپون صبوح هوندو. پر آئل...... هو اڃان جاڳندو هجي ته!

آئل جو ويچار ايندي ئي هنجي دل کي ڌڪ ڏکي ويٺي. هيلتائين ننڍو ڀاءُ وڏي ڀاءُ کان دٻ رکندو آيو هو ۽ اڄ وڏي ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کان ٿي ڇرڪيو.

ڪندن ويچارڻ لڳو...... مون ناحق ها ڪئي. ڪير به جاڳي پيو ته...... امان ڇا چوندي؟ بابي کي خبر پوندي ته هڏ گڏ پڃي ڇڏيندم ۽ آئل...... هن اکيان به عمر ڀر لاءِ منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويندو.

ڪندن وري ليٽي پيو.

هنجي ڪنن ۾ پيءُ جا لفظ ٻرڻ لڳا: سانول جي صحبت توکي ڪٿان جو به نه رکندي.

ڪندن به گويا اڄ پيءُ سان سهمت ٿيندي ساڳي ڳالهه سوچڻ لڳو: هيلتائين نه، ته اڳتي هلي سانول جي دوستي ضرور مهانگي پئجي ويندي. هونءَ به هنجي صحبت مان سواءِ بدناميءَ ۽ برائيءَ جي پيو حاصل ئي ڇا ٿيو اٿم. سڄو وقت ريل ڇيل رلڻ پنڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، جوئا ڪرڻ ۽ هاڻي چوري......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن جي سرير مان وري ٻه هڪ دفعو ڏڪڻيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. سوچڻ لڳو...... اڄ رات، راتيون چور جون ته ٿيهين رات ساڻن جي ٿي ٿيندي آهي. تنهن ڏينهن ئي جونا جي ٽڪريءَ تي پڪڙجي پوان ها پر قسمت ڪا زور هيو. سانول جمعدار کي چيو هو ته هيءَ منهنجي ماءُ جي چوڻ تي مونکي سڌڻ آيو آهي. ڇو هيءُ جونا نٿو ڪري. جمعدار هن جي ڳالهه تي اعتبار ڪري ويو. خاص ڪري بابي جي نالي پڌڻ بعد ته جمعدار کي ذرو به شڪ ڪونه پيو. سانول ۽ پيا سوين اوگڻ هجن، پر هو دوکيباز دوست نه آهي. هنجي وفاداريءَ جي دشمن به ساراه ڪندا آهن.

سينيءَ جي هڪ تيز آواز وايومنڊل کي چيريندو ڪندن جي ڪنن تائين پهتو.

سانول جي سينيءَ جو سيڪارو آواز!

ڪندن ان سينيءَ اڳيان ڪمزور بڻجي ويو......

مونکي هي ڪم ڪرڻو ئي پوندو، نه ته سانول مونکي ڪاتر سمجهندو، انجام جو ڪچو سمجهندو.

ڪندن بستري تان اٿي ڪرڙو ٿيو ۽ پير پير ۾ ڪٽندو گهڙامنجيءَ وٽ پهتو. ڪليءَ ۾ ڪنجين جو ڇڳو ٽنگيو پيو هو، ساڄو هٿ وڌائي اهو لاٿائين. لاهيندي ڪنجين جي جهڻ جهڻ جي اڻلڪي آواز تي ڪندن چرڪ ڀري اٿيو. هو نئون چور هو. ڪامل چور جون

وصفون اڃان منجهس ڪونه آيون هيون. ڏڪندي اکيون ٽاڙي چوڌاري نهارڻ لڳو. هو چار منٽ اونده ۾ يڪ ٽڪ نهاريندي نيٺ هن کي پيءُ، ماءُ ۽ آئل جي ڪنولن جو ڌنڌلو چٽُ نظر آيو. سڀيئي ننڊ ۾ غافل هئا. پٽس جا کونگهرا بدستور جاري هئا. ڪندن سامت جو ساهه کنيو. هن گهڙا منجيءَ هيٺان رکيل، اکري کٽي، ڪوٺيءَ جي دروازي اڳيان اونڌي ڪري رکي ۽ ان تي چڙهي نهايت خبرداريءَ سان ڪلف ۾ ڪنجي وجهي اهو کوليائين. پوءِ ڪڙو لاهي دروازي جي هڪ طاق کي ٿورو ڏکيائين.

ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ کان اڳي ڪندن هڪ دفعو وري به سامهون سمهيلن ڏانهن سرسري نظر ڊوڙائي ۽ پوءِ ڪمري ۾ اندر داخل ٿي اٽيل طاق اندران بند ڪري ڇڏيائين. خبر هيس ته ڪمري جي پرينءَ ڪنڊ ۾ هنڌن واري کٽ تي مٿن واري پاسي، وهاڻن جي ٿهي هيٺان، ٽارچ رکي آهي. سو اونده ۾ هٿوراڙيون هڻندو اتي پهتو ۽ ٽارچ هٿ ڪري انجو بٽڻ دٻايائين. پوءِ هريءَ جي دريءَ وٽ پهچي مٿان جاري تان ڪنجي کنيائين.

هريءَ اندر ڪندن کي ڪرونڊڙو ٿي گهڙڻو پيو. اتي بندين جي ٿهيءَ پٺيان به ڪنجيون رکيل هيون. انهن ۾ هڪڙي چابي ٽجوڙي جي هئي. هن اها هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن جي ٻڌڻ تي ختم ٿي ويئي. هن هٿ وڌائي ابراهيم واري هڙ ڪڍي ۽ تجوڙي بند ڪري ڇڏيائين. ڪندن جيئن اتي آيو هو تيئن واپس موٽيو ۽ گهر جو مهڙ وارو دروازو کوليءِ چپن وچ ۾ آڱريون وجهي سيٽي وڄايائين ته سانول ڪن ۾ اچي وٽس پهتو.

"مونکي تو مان اهائي اميد هئي." سانول دٻيل آواز ۾ چيو. ڪندن کهن جي هڙ هن جي حوالي ڪئي.

"ڪنهن کي خبر ته ڪانه پيئي؟"

"نه." ڪندن خشڪ چپن کي جيڀ سان آلو ڪندي جواب ڏنو ۽ سانول ڪجهه وڌيڪ چوي ئي چوي تنهن کان اڳ ئي دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

ڪندن وري اچي بستري تي ليٽيو ته سهين ٻر هنکي ننڊ ڪانه آئي. هينئر هن تي وري ساڳيو ڊپ غالب پئجي ويو. ور ور ڏيئي هنکي اهوئي خيال ٿي آيو ته صبوح جو دڪان تي وڃڻ کان اڳ ئي بابو مراديءَ واري پيتي ۽ بنديون ڪڍڻ لاءِ هريءَ ۾ ويندو، روزاني دستور مطابق تجوڙي کولي پنهنجو خزانو جاچيندو ۽...... ۽......

مونکي ڪهڙيءَ ڪنيءَ ڪنيو جو سانول جو چيو مڃيم. ابراهيم تباه ٿي وڃي يا زينت ڪهن بنا ٻسي لڳيءِ تنهن سان منهنجو ڪهڙو پريوجن؟ بابو ڪنهن جي گهر ڌاڙو ٿورئي ٿو هڻي اچي! سڀ وٽس ئي سوالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌجي ٿا اچن. هو پاڻ سيٺي کي مشڪلات وقت مدد ٿو ڪري. ابراهيم کي ڪنهن جهليو هو؟ هو مدي اندر وياج سميت رقم پهچائي پنهنجا ڳهه ڇو نه ڇڏائي ويو؟

سانول ۽ ڪاڪي کي اسانجي شاهوڪاري ڪنڪي ٿي. ڏاڏي وڃڻ بابي توڙي ڪاڪي کي هڪ جيترو حصو مليو. ڪاڪي پنهنجو حصو ٻڪين ۽ گهوڙن پٺيان دڦ ڪري ڇڏيو. بابي سنجم سان پنهنجو حصو سنڀاليو ۽ سيائپ سان انکي وڌايو.

بابو کهڙو نه سنت پرش آهي! روزانو پرڀات ويلي اٿي، سنان ڪري آسادي وار ۽ سکمنيءَ جو پاٺ ڪري. ڇگي لڳي ڳڏهن صاحبن جي وڃن وڻن بنا ڳڏهن ڪٿو ڪون ڇکي. سنجها جو ٽڪاڻي ۾ وڃي رهراس جو پاٺ ٻڌي ۽ رات جو سمهڻ کان اڳي ڪيرتن سوهلو پڙهي.

ڪيرتن سوهلي جو ويچار اينڌي ئي ڪنڊن جي خيالن پلٽو کاڌو. بابو چوندو آهي: جيڪو نيم سان ڪيرتن سوهلو پڙهندو آهي تنهنجي گهر چوڌاري ڪوٽ ٻڌجي ويندو آهي. ڪوبه چور چڪار ان ڪوٽ کي ٽوڙي اندر اچي نه سگهندو آهي. پر اڄ ته مون ان ڪوٽ کي ٽوڙي ڇڏيو! بابي جو مطلب شايد ٻاهرين چورن سان ئي هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن اکيون پوري پاسو ورائي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ نه آيس. هو وري به پنهنجي پيءُ بابت سوچڻ لڳو. بابو دان پيچ به ڏورو ڪونه ٿو ڪري. گرپرب ٿئي ته ٽڪاڻي ۾ لنگر جو اڌ خرچ ڀري ڏئي. وڌوائن کي ڪپڙا ڏئي، اسڪولي شاگردن کي انعام ڏئي.

پر اتيئي ڪندن کي سانول جا لفظ ياد آيا......

اهو دان پيچ به ته غريبن جي پئسي مان ٿي ٿو ٿئي. تنهنجي ڏيءُ کي به بابي جيتري جائداد ورثي ۾ ملي. ڏه جريب ٻنيءَ جا، رهڻ جي جاءِ، ٿورا مٽيا منڊيون ۽ اٺ نو سو روڪ، پر اڄ توهان وٽ ٻه سو جريب زمينداري آهي، ٽي جايون آهن ۽ سون ۽ روڪڙ جو ته شمار ئي ڪونهي. ڇا اهو سڀ سپٽئي ڌنڌي جو ڦل آهي؟ رمضوءَ جي جاءِ اوهان کي ڪيئن ملي؟

رمضو ڌوٻي جڏهن ڪندن جي پيءُ کان پنهنجي ڌيءَ جي شادي لاءِ پنج سو روپيا اڌارا ورتا هئا، تڏهن ڪندن ڇاڙو به ڪونه هو. پر ڪندن پنهنجي سانيڙ ۾ اچڻ کان وٺي ڏسندو آيو هو ته رمضان سندن ڪپڙا مفت ڌوئيندو هو. هن ڪڏهن پيءُ کي رمضوءَ کي ڪجهه ڏيندو ڪونه ڏٺو هو. پر رمضوءَ جي قرض جا اهي پنج سو اڃا نه لٿا هئا، الٽو ڪندن جي ڏسندي ڏسندي اهي وڌي هزار روپيا ٿي ويا هئا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمضان جي گهرواري جاءِ گروي ۾ بدلي سندن ٿي ويئي هئي. هيئنر رمضان ان جاءِ جي مسواڙ چڪائڻ لاءِ سندن ڪپڙا مفت ڌوئيندو هو.

ڇا اهو انياءُ نہ آهي؟

سانول ڪيترائي دفعا ڪندن کان اهو سوال پڇيو هو، ۽ هو ڪڏهن بہ ان جو سڌو جواب ڏئي نہ سگهيو هو. پر اڄ پڌين ڪندن جي دماغ ۾ اهو سوال آئيو تہ هن جي چپن مان ازخود نڪري ويو... اهو انياءُ آهي. پر هنجي دماغ ۾ وري ٻيو سوال اٿيو. اڄ تو ٻيءُ جي چوري ڪئي آهي. ٻيءَ سان دغا ڪئي آهي! ڇا اهو پاپ نہ آهي؟

ان چوريءَ جي ياد ايندي ئي ڪندن کي وري پنهنجو ڏپ ويڙهي ويو ۽ پاپ ۽ انياءَ بابت هو وڌيڪ ڪجهہ سوچي نہ سگهيو. بابي کي خبر پئجي ويئي تہ هڏ گڏ پڇي ڇڏيندم. ۽ بابي کي خبر ڪيئن نہ پوندي؟ صبوح جو ئي......

ڪندن جي سڄي بدن ۾ سيات پئجي ويو. ننڊ پر ڪري آڏامي ويس، دل ۾ ڏپ پرجي ويس ۽ وقت جونءَ جيان ڍلي رفتار سان چرڻ لڳو. ڪندن هيئنر پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. سانول کي حرف پڙهڻ لڳو. ابراهيم ۽ زينت تي بہ ڏوڙيو وسائڻ لڳو.

هن اوچتو ٻيءُ جي اٺڻ جو پرلاءُ ٻڌو. ٻٽس

نيم موجب اِشنان وغيره جي ڪريا کان فارغ ٿي آسادي وار ڪرڻ ويٺو. اڳي ڪڏهن پيءُ جـي آڏو سبب يا آسادي وار ڪرڻ سبب ڪندن جي ننڊ ڦٽي پوندي هئي ته هو خفي ٿيندو هو. اندر ۾ ڪڙهندي سوچيندو هو ته بابي کي پرلوڪ لاءِ توشو ڳاهڻو آهي ته پاڻ پوڇا آهستي ڇو نٿو ڪري. رام کي ريجهائڻ لاءِ رڙين ڪرڻ ۽ سڀني جي ننڊ ڦٽائڻ جـي ڪهڙي ضرورت آهي؟

پر اڄ......

پر اڄ هنکي پيءُ جو آواز رڙيون ڪونه ٿي ڀاسيون. اڄ هو پيءُ کي مهاپرش سمجهڻ لڳو، جنهن گروائي جي آنند پاڻ به ٿي مائيو ۽ ٻين کي به اهو آنند ٿي ونڊيائين. هن ونڊ وراه سکم پاءِ جـي اصول تي عمل ٿي ڪيو.

ونڊ وراه سکم پاءِ!

ڪندن جي ويچار ڌارا وري پلٽو کاڌو...... ته بابو پنهنجي ملڪيت ٻين غريبن، محتاجن ۽ مظلومن ۾ ڇو نٿو ورهائي ڪائي؟ پر پنهنجي تازي گناه جي احساس جي بـار هيٺ هو وڌيڪ سوچي نه سگهيو. هو اڄ سخت پريشان هو. هن دل ئي دل ۾ پنهنجي فعل تي پڇتايو ٿي. جيئن چوري پڪڙجڻ جـي گهڙي ويجهي پوندي ٿـي ويئي تئين هنجي پريشانيءَ ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن ٻي ڏينهن نيٺ آسادي وار پوري ڪئي ۽ وڃڻ وٺڻ لاءِ تڪائي روانو ٿيو. پئي جي وڃڻ بعد ڪندن به اٿي ڪڙو ٿيو ۽ وات ۾ ڏندڻ وجهي گهر ماڙ ٻاهر نڪري ويو.

( ٢ )

ڪندن ڪان ڳهڻ جي هڙ وٺي سانول پنهنجي انگوڇي جي پلوءَ ۾ ٻڌي ۽ انگوڇو ڪلهي ۾ لٽڪائي، سيٽي وڄائيندو بيڏڙڪ اڳتي وڌيو. بزار جي منهن وٽ پهچندي اوچتو هنجي ڪن تي چوڪيدار جي صدا جو پڙلاءُ پيو: خبردار رهو!

پر سانول خبردار رهڻ جي ڪا ضرورت نه سمجهي. هو بنا ڊپ ڊاءَ اڳتي وڌيو. ڳوٺ جا سڀ چوڪيدار هنجا واقف هئا، تنهن ۾ به مصري خان سان هنجو چڱو رستو هو.

”سانول سيٺ، هن مهل ڪيڏانهن!“

بزار جي منهن وٽ، ڪرمون سوناري جي دڪان جي دروازي مٿان لڳل نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽيءَ جي ٻرندڙ شمعدان جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ بيٺل، مصري خان سانول کي سولائي سان سڃاڻي ورتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصري خان پيمن جي دڪان اڳيان پالٿي تي ويهي پيڙيءَ جو دم پئي هنيو. سانول به نزديڪ اچي سندس پرسان پالٿي تي ويهي رهيو. چيائين، ”يار بيڙي ته ڏي.“
مصري خان پنهنجي صدريءَ جي هڪ کيسي مان بيڙن جي دٻلي ۽ ٻئي کيسي مان ماچيس ڪڍي سانول اڳيان رکيو. سانول بيڙي دکائي هڪ ٻن سوٽن کان پوءِ چيو ”بيڙيون ته مون وٽ به جام آهن، پر پيمن جي پتي پنهنجي ناني سان آهي. تنهن ۾ به پيلي ڏاکي واري پتي جو ته مٽ ئي ڪونهي.“
”ڪمبخت وتندو به پنجويهن جا پنج پئسا آهي نه! ٻين کان پئسو وڌيڪ ٿي.“
سانول وري سوٽو هڻندي چيو، ”ڪالهه شمن گڏيءَ جي پڳت واهه جي مٿي، ٻهرين ٻن ڏينهن جي ڪسر به پوري ٿي ويئي...... نه؟“
”خدا چوري ڪي آواز به غضب جو ڏنو آهي. گلي ۾ جنسي ڪوئل اٿس، ڪوئل!“
سانول وري ٻي ڳالهه ڇيڙي، ”ٽيو ڏينهن نيڻداس طبيب جي گهر ڪي جيڪو ڪاٺ لڳو تنهنجو ڪجهه پتو پيو؟“
پڪتين ۾ ته چورن جو ڪو مچي ٿو وڃي. سڀئي بدمعاشي نهال ڪلهوڙي جي هئي. اٺ ڏهه ڏينهن اڳي سندس گهر واري سخت بيمار پيئي هئي. نيڻداس کي سڏڻ آيو پر هو وڃڻ جي ئي نه ڪريس. نيٺ نهال

جڏهن آڻ ولي آيو ۽ ۾ روپيه روڪڙا باسيائينس تڏهن
مس وڃي نيڻداس راضي ٿيو. پر نهال جي گهرواريءَ
جو هڪيڙو طبيبن جي پوڇڻ کان اڳي ئي پرواز ڪري
چڪو هو. ڪالهه سائين نواب شاهه نهال کي گهرائي
سخت مار ڪيائي. تڏهن نهال روئيندي، چوري باسيندي
چيو: ان واڻيءَ جي ڪيسر ڪريءَ منهنجي حليما وفات
ڪري ويئي. نيڻداس جو سمورو مال ستي سگهيءَ سميت
ڪالهه شام جو ونس پهچي ويو. واڻيءَ جو بخت بالا
هو. سائين نوابشاه کي ڇڏي ٻئي ڪنهن سعيد وٽ
دانهين وڃي ها يا خود پوليس ۾ ئي فرياد ڪري ها
ته ۾ ......"

"رات احمد شاهه جي اولاق تي محفل هئي نه؟"
سانول هنڪي وچ ۾ ڪپيندي سوال ڪيو.

پر مصري خان کي وري ٻي ياد گيري آئي. سانول جي
سوال جوجواب نه ڏيئي چيائين، "اڙي چڱي ياد گيري ڏياريئه.
مونکان ته صفا وسري ويو هو. وقت گهڻو ٿيو هوندو؟
پانيان ٿو ته هڪ ته لڳي ويو هوندو."

"هڪ کان مٿي ٿيو هوندو، چو؟

مصري خان اٿي کڙو ٿيو. پيڙين جي دبلي
ماچيس ڪڍي کيسي ۾ وجهندي چيائين، "سائين احمد شاهه
چيو هو ته هڪ بجي اٿارج. ڊيري جي سعيد سائين
محمد علي شاهه کي سڪرنڊ کان ايندڙ گاڏيءَ ۾ پڄ عيدن

وڃڻو آهي. اتان ڪراچيءَ ويندو. ڏيري جو شاهه سائين وري ٻه ميمبر چونڊيو آهي نه. راتوڪي محفل ۾ شاهه سائين جي شان ۾ ٺي هئي.

مصري خان هڪ هٿ ۾ ٽارچ ۽ ٻئي هٿ ۾ لٺ جهلي اڳتي وڌيو. ويندي ويندي سوال ڪيائين "تون؟"

"مان ڪجهه دير هتي ترسي پوءِ گهر ويندس. ننڊ ڦٽي پيم تڏهن چيم، مصري خان سان ڪا گهڙي ڪچهري ڪريان. ٿي اچان."

مصري خان اتي روڪجي چيو، هرڻ ته مان توسان ويهي ڳالهه ٻڌائڻ هٿان هام پر ڳالهين جو معاملو آهي. تنهن ڪانسواءِ خبر اٿئي ته ننڍو سائين کهڙو نه ڪرڙو آهي! نه ويندس ته ڪلهه لهرائي ڇڏيندم. شيرو ٻڪريءَ واري ڪي ٻه اٺارڻو اٿم."

مصري خان جي هلڻ وڃڻ بعد سانول هلڪو ٽهڪ ڏنو. پڻ پڻ ڪري چوڻ لڳو: "پاڻ ته مونکي ڳوٺ جي واءِ سواءِ جي خبر ٺي ڪانه آهي جو تفصيل سان ٻيو ڏائي. مان ته ڪيس ٻتال ڪري رهيو هوس جئين مونکان ڪا پڇا ڳاڇا نه ڪري."

سانول اٿي هلڻ لڳو. هنجي دل بيحد خوش هئي ۽ هو هلڪي ٻي سري آواز ۾ ڳائڻ لڳو، "سهڻن سان سر لڳي منهنجو، حياتيءَ تائين ٻڌل آهيان."

سڪل نو لکي واه جي اورئين ڪپ تي انتظار ڪندي ڪندي ابراهيم جي چڙهه نڪري ويئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانول کيس اتي بيهاري ڇڏي ويو هو، ”ڏير ۾ ڏيڍ
اڌ ڪلاڪ ۾ واپس ورندس“ ۽ ابراهيم ڪي ائين پئي
لڳو ڄڻ ڪويا ورهين کان نولکي جي ڪپ تي اچ وڃ
ڪندو رهيو هو. ڪپ جي پر واري پپر جي وڻ
ٽوريءَ سر پر ٽڪي تي ته هنجو ساه منهن ۾ اچي ٿي ويو.
نڊو سيٽ پڪڙجي ته نه پيو؟ اوچتو هن جي دل
۾ اهو ڪٽڪو جاڳيو ۽ هنکي ڏڪر وٺي ويا. هن اهو
بخوبي ڄاتو ٿي ته نڊو سيٽ پڪڙجي پيو ۽ سچي
ڪري وڌائين ته سانول ۽ مون لاءِ شامت اچي ويندي.
سانول وري به شايد چاچي جي ڪاوڙ جي شڪار ٿين
کان بچي وڃي، پر احمد شاه مونکي سڌيون لڳين نه
ڇڏيندو. احمد شاه جي مار جي سوچ ڪندي ئي
ابراهيم جي بدن ۾ سيات پئجي ٿي ويو. سخي دادوائي
جي ميلي ۾ ملاڪڙي ڏسڻ لاءِ هن احمد شاه جي
خاصخيليءَ کي پنهنجي اٺ تي سواري ڪرڻ نه ڏني
هئي ۽ احمد شاه هزارن جي وچ ۾ سندس پٺڪو لاهي
سندس هڏ ڳڏ ڀڃي ڇڏيا هئا. ڀريا ڏه ڏينهن آڌائن
۽ هيڊن مکڻ بعد مس وڃي هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو هو،
سو مکيءَ جي چوڻ تي ته سندس ساه ئي ڪڍي
ڇڏيندو. ولهه هوندي به ابراهيم جو سڄو بدن پگهر
۾ شل ٿي ويو. هن جو دماغ چڪر کائڻ لڳو ۽
منٽي کي هٿ ڏيئي ڪريل ڏار تي ويهي رهيو. پر
اتيڪي سانول جا چويان لفظ ياد آيس، ”منهنجي رت به

ڏڪئي نـاڪام ويئي آهي!" ۽ ڪنهن حد تـائين
هنکي تسلي ٿـي. سانول هميشه ڏک سک ۾ هنجو
ساٿ ڏنو هو ۽ اڳي ٻه ڪيترن وقتن تي ڪيس مصيبت
جي منهن مـان سلامت بچايو هئائين. پنجورام جـي
ڏينهن نڪري وڃڻ پيري جڏهن ابراهيم تـي چوريءَ
جو الزام ڏريو ويو هـو، تڏهن سانـول ئي سائين
نوابشاه کي هنجي بيقصور هئڻ جي خاطري ڏني هئي.
سخي دادوائي جي ملا ڪرڙي ۾ سانول حاضر ڪونه هو.
هجي ها ته ننڍي سيد جي ڪاوڙ کان هوکيس ضرور
چوٽڪارو ولي ڏئي ها. پوءِ بـ جڏهن پڌو هئائين
تڏهن خود ننڍي سعيد جي منهن تي هنجي خاصخيليءَ
کي چغليءَ هئڻ لاءِ شرمايو هئائين. سانول ڪهڙو نه
صئو هو!

"ماري ويو دلبر نيڻن جي ناز سان."

ابراهيم چرڪ پري منهن ورايـو. سامهون سانول
پئي آيو. هنجي خوشيءَ جـو پار ڪونه رهيو. سانول
جـي ويجهي اچڻ تي ڏ ہيل آواز ۾ سوال ڪيائين،
"ڪم ٿيو؟ منهنجو ته ساه ئي سڪي ويو هو."
"نه." سـانول منهن گنڀير بڻائـي چيو، "ڪندن
ڪوٺيءَ جو دروازو کوليو ته آواز ٿـي ڪاڪو
جاڳي......"

"پوءِ ڇا ٿيو؟" ابراهيم اتالو ٿي پڇيو.
"ڪندن چيس، پيٽ ۾ سور پيو اٿم، ڦودني جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪي ڪٿي لاءِ ڪوليءَ جو دروازو کوليو اٿر، ما
رڪي رڪي سيني وڃائيندو رهيس. ڪاڪي کي جڏهن
وري ننڊ آئي، تڏهن ڪندن مهڙ وارو دروازو کول
مونکي اهو سماچار ٻڌايو.

”وري به سڌو ڏيو“، ابراهيم سامث جو ساهه کڻي

”سڌو ڏيو! زينت ڇا چوندي“

”سڌو نه ڏيو؟ مڪيءَ کي اصل ڳالهه جو پتو پئجي
وڃي ها ته تنهنجي منهنجي لاءِ قيامت اچي وڃي ها.“
ابراهيم ٻيهر ايو ساه کنيو.

”منهنجي لاءِ نه، باقي تنهنجي لاءِ قيامت اچي ه
ڪاڪو منهنجو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندو.“ اين چئ
سانول نولکيءَ جو ڪپ وٺي هاڻ لڳو.

”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”اڄ تون به مونسان گڏجي هل. سان مست با
جي مقام ڏانهن ٿو وڃان. هيڏي مهل گهر موٽي باب
آما جي ننڊ ڦٽائڻ ٺيڪ نه آهي.“

”مست بابا جي مقام تي ته وڏو شاهه سائين
هوندو هو مونسکي هن وقت توسان گڏ ڏسندو ته
ڪاوڙبو.“

”نواب شاهه اڄ پنهنجي اوطاق تي سمهيو هوندو
ڏيري جو محمد علي شاهه وٽن ٽڪيل آهي.“

ٻئي خاموش گڏ هلندا رهيا. مرداني گهير وٽ
ابراهيم ڪپ ڪان هيٺ شاهي رستي ڏانهن تي ڦري

تہ سانول چيس "کپ وٺندا اڌارام جي انهن کان ڦرندا ٿا هلون. هيڙي وڏيڙي شاهي رستي تان هلڻ ٺيڪ نہ آهي. ڪٿي وٽ محمد بخش پوليس وارو بيٺو هوندو. تنهن کان سواءِ سڪرنڊ واري گاڏيءَ جو وقت آهي. بگين وارا ايندا ويندا هوندا."

ابراهيم جيئن سوٽيو ٿي تئن هنجي نظر وڃي سانول جي پٺيءَ تي، انگوڇي ۾ ٻڌل هڙ تي پيئي.

"ان هڙ ۾ ڇا آهي؟"

"مست بابا تازي گدامڙي خوشيءَ سان کائيندو آهي. ڏالوءَ وٽ ڪالهہ شام جو تازي گدامڙي آئي هئي، سو ڇهہ تہ ٽوڙي مست بابا لاءِ ڪٺي ڪئان."

ٻنهي وچہ وڌيڪ گفتگو ڪانہ هلي.

* * * * * *

مست بابا جي مڪان تي نوابشاهہ جي ڪٽ خالي پيئي هئي، جيتوڻيڪ ان تي شاهہ جي غاليچي وارو هند دستور موافق وڇايل هو. مست بابا پنهنجي ٿلهي تي اونڌو سمهيو پيو هو. شفو حجام اچا تائين مست بابا کي زور پئي ڏنا، رکي رکي گهيرٽ ۾ پئي ڪاڏائين ۽ سندس هٿ زورن ڏيڻ کان روڪجي ٿي ويا، پر سَتت ئي سجاڳ ٿي وري زور ڏيڻ ٿي لڳو.

مست بابا جي مٿن کان گوشت جي ڀريل پليٽ رکيل هئي، ٻيءَ پليٽ ۾ ٻہ چار ڏڪڙ پيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه جي ڪٽ ۽ ٽلهي جي وچ ۾ اڌ ڊزن چرشڻي گانجڻي ٽورا ٽيا پيا هئا. انهن رڪي رڪي پاسو ورائيندي پڻ پڻ بہ پئي ڪئي.

مقام جي بنا در واري سوڙهي لنگهہ مان اول سانول ۽ سندس پٺيان ابراهيم اندر گهڙيو.

”خير تہ آهي شفو، اڃان تائين هت ويٺو آهين؟“

سانول ٽلهي جي ويجهو اچي ڌيمي آواز ۾ پڇيو.

ابراهيم شاه جي ڪٽ پرسان ئي بيٺو رهيو.

شفوءَ هلڪو شرڪ ڀري اکيون ڦاڙي سانول ڏانهن نهاريو. هنڪي سچائي چيائين ”ڪالهہ شام کان وٽي مست بابا کي منائي رهيو آهيان. گوشت ۽ روٽي بہ ڌري ويٺي آهي، پر باباڪي اڃان ترس نٿو پوي.“

”ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”ٽيو ڏينهن کان منهنجي ڀيڻ وڏم جي سورن ۾ اڌ مئي ٿي رهي آهي. اڃا هنجا بند خلاص نٿا ٿين. ڏاهين جا ڏس ڪري ٽڪاسين تڏهن اچي مست بابا جا پير پڪڙيا اٿم. پر اڃا تہ بابا کي ترس ڪو نہ ٿو اچي.“

سانول کي شفوءَ جي انوکي شرڌا تي تعجب ڪو نہ لڳو. هيءَ تہ شفوءَ ڀيڻ جي بندن خلاص ٿيڻ جي تمنا ساڻدي مست باباکي پيڙيون ٿي ڏنيون، گوشت ۽ ڍڳڙ ڪٽي آيو هو، پر ڳوٺ ڀر جا جونٽاري پائي بہ ٽڪريءَ تي قسمت آزمائڻ ڪان اڪ مست بابا وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري نه سگهيو. هڪ طرف هنڪي شفوءَ جي موجودگي
ني ڪنڪي ۽ ٻي طرف انديشو هوس نه سانول ٻخولبازي
ڪندو. اُئين سانول جي پرسان ٻهڻي ٻيٺي، سوچيندي
سوچيندي ابراهيم جو هٿ وچي ٿڙ ڪي لڳو ۽ زبان
مان بي اختيار نڪري ويس "هي ڇا، هي نه مون وارا
گهه......"

سانول ٻٽ پڪوڙي ابراهيم ڪي ماٺ ۾ رهڻ جو
اِشارو ڪيو ۽ شفوءَ ڏانهن نهاري چيائين "شفو، ڪٿي
تنهنجي پسڻ...."

"اُئين نه چئو." شفوءَ ڏکويل آواز ۾ چيو، "منهنجي
ماءُ جو هنياءُ ڏري پوندو. خيرو بي حال ٻڌجي پوندو.
اسان سڀ رلي ويندا سين."

"نون هڪ دفعو گهران نڪهه نه ڪري اچ" سانول
هنکي صلاح ڏيندي چيو.

"مست بابا کي راضي ڪرڻ کان سواءِ مان هتان
نه چرندس." شفو دريتا سان ورائيو.

مست بابا اني پاسو ورايو. شفوءَ هٿ مٿي ڪيا،
مست بابا ٽنگون ٻچاڙي سڌو ٿي ويهو. شفو وري
پيرن ڏيڻ لڳو. مست بابا هڪ ٽنگ مٿي اپي جهلي
وري هيٺ ڪري ڇڏي.

"حرامزادو ڪير آهي؟" مست بابا اکين کولڻ
کان سواءِ ئي پڇيو.

"سائين مان آهيان، شفو هجم." شفوءَ جي آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان دل جي خوشي صاف ظاهر هئي. نهٺ سندس لايا سجايا ٿيا هئا.

”حرامزادا، ڪي ڪـاڻ لاءِ آنـدو اٿئي؟ ٻـڪ لڳي اٿم.“

”سائين، ڀوڙ ماني آهي.“

”ڏينم حرامزادا!“

شفوءَ ڏڪڙ مان وڏي ڳراهي ڀڃي، ڀوڙ جـي رس مان ٻري آن ۾ سڏڏ ذري وجهي مست باباجي وات تائين آنـدي. مست بـابا سمهڻي ڀٺي ئي وات کوليو. شفوءَ کي فقط هڪ دفعو گار ٻڌڻ جي لاس هئي، ڀـر هت ته جملي جملي ۾ مست بابا ”حرامزادا لفظ پٺي استعمال ڪيو. شفوءَ عقيدتمنديءَ سـان مست بابا کي کارائيندو رهيو. ٻه ڏڪڙ کـائي رهڻ بعد مست بابا ڪنڌ ورائي، ٽنگون پکيڙي، وري اونـڌو ٿي سمهي پيو. شفو پليٽون کڻي اٿيو ۽ ٽپ ڏئي ٽلهي ٽاڻ هيٺ لٿو. سانول مذاقي نوع ۾ چيو، ”واڌايون هجني شفو! ڀانئجي ٿو چمڻ جون.“

”ٺهنجي وات ۾ گلاب“

”ته صبوح جو ڪيسن جـي دڪان تـي پمستري چانهه لڳي نه؟“

”چشمن سان.“ ائين چوندو شفو سڌون هنڌو مقام جي سوڙهي لنگهه مان ٻاهر نڪري ويو.

سانول اٿيو ۽ مست بابا جي سيرانديءَ واري پاسي ڏانهن وڌيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" ابراهيم اتاولو ٿي پڇيو.

"ڪجهه حال في الحال هت ٿو رڪان. ٻن ٽن ڏينهن بعد گهر پهچائي ويندوسانءِ."

سانول کيسي مان ڊگهي ڦر وارو چاقون ڪڍيو ۽ گرڪڙيءَ واري سر جي مٿان وڌي، انکي آڏو جهلي زور ڏيڻ لڳو.

ٺيڪ آن مهل مقام جي سوڙهي لنگهه وٽ هڪ بگي اچي بيٺي. سانول ڪپ گرڪڙيءَ واري سر مان ڪڍي کيسي ۾ واپس وڌو ۽ اٿي ڪڙو ٿي بيٺو. بگي جي پوئين خاني مان شبرو لٿو، پٺيانئس مدن فقير به لٿو. شبروءَ نوابشاه کان گهوڙي جون واڳون ورتيون ان وچ ۾ احمد شاه به هيٺ لهي چڪو هو. مقام اندر اول نواب شاه ۽ پٺيانئس احمد شاه ۽ مدن فقير گهڙيا.

"قبلا، مان وڃان؟" شبروءَ پڇيو.

"وڃ." احمد شاه چيو.

ابراهيم جو ساه سڪي ويو، پر پاڻ سنڀالي وڃي نوابشاه کي پيرين پيو.

"ڪير؟" نواب شاه هن ڏانهن چتائي ڏسندي پڇيو.

"ابراهيم وڳڻ!"

"جيءُ قبلا"

ابراهيم احمد شاه کي به پيرين پئي هٿ ڇاتيءَ سان لڳايو.

"هيڏيءَ مهل هت ڇو آيو آهين؟" احمد شاه پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شاه سائين، ابراهيم مون سان گڏ آيو آهي.“ سانول ٿورو اڳيرو وڌي چيو.

نواب شاه ۽ احمد شاه ڪٽ تي ٺهي ويٺا. مدن فقير اڃان بيٺو هو.

”توهان هت ڪيئن آيا آهيو؟“ نواب شاه پڇيو.

سانول بنا هٻڪندي جواب ڏنو، ”پوهوءَ جي باغ ۾ مرلي پڙڻ ويا هئاسين، هتان لنگهندي شفو حجام کي مست بابا وٽ ويٺل ڏسي، اندر لنگهي آياسين. شفو به اڃا هينئر....“

”دال ۾ ڪجهه ڪالا اٿيئي.“ نوابشاه هلڪو ٽهڪ ڏيئي احمد شاه کي چيو. ”مصري پهريدار جڏهن اوطاق تي آيو ۽ نڌهن چيائين، سانول سان ڳالهين ۾ دير ٿي وئي.“

سانول کي هڪدم پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو پر تير ڪمان سان ڇٽي چڪو هو. هو ڪنڌ نمائي مست بابا جي ٿلهي تي ويهي رهيو.

”دراصل ڳالهه ڇا آهي؟“ اهو سوال هينئر احمدشاه ڪيو. سانول آهستگيءَ سان چيو، ”صبوح جو اوطاق تي هڏائيندو هئاسين.“

”منهنجي هڏڻ جي ڳالهه نه آهي ڇا؟ نواب شاه مرڪي چيو. سانول کو جواب ڏيئي ئي ڏٺي تنهن کان اڳ احمد شاه بلند آواز ۾ ابراهيم کان پڇيو، ”ڳالهه ڇا آهي؟“

ابراهيم اڳيان سخي دادوائيءَ وارو نظارو ڦري آيو. هنجي رڳن جو خون خشڪ ٿي ويو. هنجا چپ ڦوڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر انهن مان آواز ڪونہ نڪتو.

”ابراهيم جا پچا! مان پڇان تہ ڳالهہ ڇا آهي؟“

احمد شاهہ هيئنئر گرجندي چيو.

”ق .. ب...“ ابراهيم وڌيڪ ڪجهہ نہ سگهيو.

”مدن فقير، انان مست بابا جو ڏنڊو تہ ڪٽي وٺ.“

احمد شاهہ اُپي ڪان ٻاهر نڪري ويو.

سانول هيئنئر گنڀيرتا سان چيو، ”شاهہ سائين، ڪو گناهہ ڪيو اٿم تہ مون ڪيو آهي. سڀ بہ مون وٽ موجود آهي. ابراهيم ويچاري جڏهن ڪو قصور ڪيو ئي ڪونهي تہ جواب ڇا جو ڏئي.“

مقام ۾ سناٽو ڇانئجي ويو.

ٿوري دير بعد نوابشاهہ چيو، ”سانول ڪهڙي ڳالهہ ٿي آهي، جا مون کان بہ ٿو لڪائين.“

سانول کي هٽڪندو ڏسي مدن فقير ٿرڪڻ جي خيال کان احمد شاهہ کي چيو، ”سائين مان پنهنجي گهران ڀنگ باداميون ڪٽي اچان.“

بادامين جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.“ نوابشاهہ چيو.

”رڳي ڀنگ گهولي وٺ. منهنجي پيٽي کلي پيئي آهي. اُنان ڀگ ڪڍ ۽ ڏنڊو ڪونڊو ڪُٽ هيٺان پيو آهي.“

”مونکي ڀنگي جو گلاس ڏج.“ احمد شاهہ چيو.

”اڄان تڏهون پوري طرح ختم نہ ٿيون آهن. ڳهائي ڀنگ ريزش لاهي ڇڏيندي.“

مدن فقير شاهہ جي ڪُٽ جي هيٺان ڏنڊو ڪونڊو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آدا!" احمد شاهه جي آواز سانول جي خيالن جي
سلسلي کي ڀڃي ڇڏيو. "سانول مونکي ٻڌي اچي چوي
ها ته مان ظاهران ظهور مڪي ۾ ڪان ابراهيم جا ڪجهه
وٺي ڏيانس ها. توهان کي خبر آهي ته مڪي منهنجي
چوڻ ڪان ڪڏهن ٻاهر نه ويو آهي."

"هاڻي ڇا ڪرڻو آهي؟" نوابشاهه سنجيدگي سان
پڇيو.

"مان به اهوئي سوچي رهيو آهيان." احمد شاهه
وراڻيو ۽ ٿوري گهڙي سوچ ويچار ۾ پئجي ويو.

ابراهيم اڳي ڪڏهن به دين دنيا جي اِنهن مالڪن
نبي ۾ جي اولاد سعيد ڀائرن کي اهڙي طرح چنتا ۾
ٻڏل نه ڏٺو هو. ٻنهي ڀائرن جي ٻڌي ۾ جي هنڌين ماڳين
هاڪ هئي. جيتوڻيڪ ٻئي سپاهه ۾ صحبت ڪري نرالا
هئا، پر ٻنهه جسم هڪ جان ٻئجي تر جي مڙني سٺن
برن، ڇگن لڳن آدمين تي حڪمران هئا. وچ ۾ سانول
اڪيل نه هجي ها ته ٻئي گڏ، يا الڳ الڳ ابراهيم
جو هڏ گڏ ڀڃي چور چور ڪري وجهن ها، پر سانول
جي بچائڻ لاءِ ٻنهي هڪ ٻئي ڪال وڌيڪ حيران ۽
پريشان هئا.

"هيئن ڪر." نوابشاهه احمد شاهه ڏانهن منهن
ڪري چيو. "صبوح جو مڪي ۾ کي پاڻ وٽ گهراءِ ۽
ڪجهه موڻائي ڏينس.

"۽ ٻچي نه ڪجهه تو وٽ ڪٺن آيا ته پوءِ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن ٻ... وڃي! ڪندن
ڳنڍين نہ آنهنجو ڀاڳ بہ نڀاڳ ٻڌجو وڃي! ڪندن ٻ...
سانول کي نہ سندس بدقسمتيءَ تڪليف ڏني هئي. پر...
هينئر آچي ڪاري جا مالڪ بہ ڏولاون ۾ اچي ويا هئا...
سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ احمد شاهہ جي مار جي...
ڏپ اچا بہ پاسا پئي بدلايا. سانول جي مهاري بہ، هنجي...
دل کي تسڪين نٿي ڏني. ويٺي سگهہ کي مرڳو ڪر...
بہ ڪپائي آئي....

”سانول!“ نوابشاهہ اوچتو بلند آواز ۾ چيو. ”تون...
ڳهہ مون وٽ چڏي وڃ، مان پاڻيهي بندوبست ڪندس.“

”پر شاهہ سائين! ڪندن ۽ ابراهيم “

”آن لاءِ اسان جيڪي مناسب سمجهو سو ڪنداسين.“

”منهنجو ابراهيم سان واعدو آهي تہ ڳهہ ڪٺن ٻ...
موٽائي ونبي....“

”اِن ڪميڻي وڳهہ سان واعدي ڪرڻ جي ڳالهہ...
مونسان نہ ڪر.“ احمد شاهہ هينئر وري غصي ۾ اچي...
چيو. ”اهو مردود گهڻو وقت منهنجي ڪاوڙ جي ڇٽيءَ...
کان بچيل رهندو؟ ٻڪريءَ جي ماءُ ڪيستائين پنهنجي
ٻچي جو خير منائيندي رهندي!“

ابراهيم کي ڏڪڻي وٺي ويئي. سانول کي بہ وڌيڪ
ڪڇڻ جي جرئت نہ ٿي.

”شاهہ سائين، پنهنجو گهوٽجي ويئي؛ ڪٿي اچان؟“
مدن فقير پريان ئي پڇيو.
نوابشاهہ سانول کي اشاري سان پاڙوت مڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون اهي ڪجهه مونکي ڏي، وڏيرڪ هرڪنهن ڳالهه جي جوابداري مونتي ڇڏ.“

سانول ڇون ڇرا ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي انگوڇي مان ڪجهن واري هڙ ڇوڙي نوابشاهه اڳيان رکي.

”ٻچ، مدن فقير کي پنگ وچي ڏاڙاه.“ نوابشاهه سانول کي چيو.

سانول گهڙامنجهيءَ تي رکيل دلو کڻيو ۽ مدن طرف وڌي ويو.

”ڇٽ جا پٽ!“ نوابشاهه هيٺڻر ابراهيم کي چيو. ”ڪي ڪرڻ ڪان اڳ پنهنجي حيثيت سڃاڻڻ کپي. واڏيا نيٺ واڻين جا ڀاڙر تي ڇٽنداءِ پر تنهنجي پٺيءَ جي کل لهي ويندي ۽ مهنن جا مهنا چڪي پيهندي نبرندءِ. مڪيءَ وٽ تو ڪجهه رکيا ڇو؟ جي رکيءِ ته مدي اندر ڇو ڪين ڇڏايءِ؟ واڻين سان ڦتائڻ مان به ڪڏهن ڪجهه هڙ حاصل ٿيو آهي؟“

”پر قبلا....“ ابراهيم وري به وڏيرڪ کي ڇوڻ جي جرئت ساري نه سگهيو.

”پر مڪر گهٽي ٿي.“ احمد شاهه چيو. ”وچ، وڃي گهر سکي ٿيءُ. وري لڪڻ سان پٺي نه ڇلي ڇڏيان.“

ابراهيم ٻنهي سيدن جي پيرن تي هٿ رکي هليو ويو. سانول کان موڪلائڻ تائين به نه ترسيو.

پنگ سوائي پي نوابشاهه سانول کي چيو، ”دنيا ۾

ڪوبہ ڪم ڪجي تہ آڳو پيڇو ويچاري ڪجي. اهڙ
۾ لڙهي وڃڻ نادانن جو ڪم آهي؟"

( ٣ )

ڪندن گهران نڪري سڌو پيمن جي دڪان تي آيو.
هن ڪان پاڻيءَ جو گلاس وٺي ڏنڊڻ لاهي منهن ڌوتائين
۽ پوءِ پيمن کي چانهہ جو آرڊر ڏنائين.

"چواج گهر ۾ چانهہ ڪانہ ٿي آهي ڇا؟" پيمن چانهہ
ٺاهيندي پڇيو. ڪندن کي ڪوبہ جواب نہ ڏيندو ڏسي
وري چيائين، "مکي اڃا اگهڻو ڏڪاڻي ۾ ويٺو آهي،
وڃڻ وٺ. موٽيو ڪي موٽيو، تو کي هت چانهہ پيئندو
ڏسي ڏمربہ."

"مان ساندڙيءَ جي پٺيان وڃي ٿو وهان. بابو لنگهي
وڃي نہ پڌائيج."

ڪندن، چانهہ جو اڌيڪو گلاس وٺي اندر ٿي ويو تہ
پٺيان آواز آيو، "مکي گهر آهي يا ڏڪاڻي؟"
ڪندن ڪنڌ ورائي ڏٺو، احمد شاهہ جو خاصخيلي
خانن بيٺو هو.

"چو، بابي ۾ ڪهڙو ڪم اٿيئي؟"
"سائين سائس گڏجڻ ٿو چاهي." خانن وراڻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن کي حيرت لڳي. صبوح صبوح جو احمد شاھ جو بابي ۾ کھڙو ڪم ٿي سگھي ٿو؟ شايد پيسن جي گھرج ھوندس. ھنکي ڪنھن حد تائين تسلي ٿي. چيائين ”بابو نڪائي مان ڪونہ موليو آھي.“

خانڻ ڪابي پاسي واري گھٽيءَ ۾ ھليو ويو. ڪندن ھيٺئر دڪان جي پالٿي تي رکيل ڪرسيءَ تي ويھي رھيو. چيائين، ”ھائي بابو چوڪرين جي سڪول واري گھٽيءَ کان سڌو شاھ جي اوطاق تي ويندو ۽ واپس ڊنگورائين جي پاڙي کان موٽندو.“

پيمن ھيڙين جا پن ڪٽڻ ويٺو. ڪندن چانھہ پيئندو رھيو. راتوڪي گھٽنا اڃا بہ ھنجي دماغ ۾ پئي ڦري، ڳالھہ ڪلھ جي انديشي ڪيس اڃا بہ پئي ستايو.

اتي ڏيپچند ڊڪ منشي مارڪيٽ مان پاڄي وٺي موٽندي، روزاني عادت موجب پيمن جي دڪان تي چانھہ پيئڻ لاءِ آيو. پيمن ھيڙين جا پن ۽ ڪٽنچي پاسيرو رکي ھنکي چانھہ ٺاھي ڏني. چانھہ پيئندي ڏيپچند چيو، ”رات مڙيوڻي ڪرٽ ۾ ڪا گھٽنا ٿي آھي.“

ڪندن سراپجي ويو. ھنجي منھن جو پنو لھي ويو. منھن بنائڻ لاءِ ڪلھ جي ڪوشش ڪندي چيائين، ”ڇا ٿيو آھي؟“

”مارڪيٽ ۾ ڪيسن جي دڪان تي مدن فقير ٿي چيو تہ رات ڳوٺ ۾ مڙيوڻي ڪا گھٽنا ٿي آھي. سڪرنڊ واريءَ گاڏيءَ تي سيد احمد شاھ ۽ وڏو پاڻس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڏڙي هل ڙي ڪونج، اسين ايندا سين!“

اهو بيسرو آواز سانول جو نه هو، پر جيٺوءَ ماءُ جي گهر مان اهو آواز ڪنهن ٻڌو ئي نه هو؟ ڪندن جيٺوءَ ماءُ جي گهر ٻاهران بيهي ويو.

”منهنجو ارادو پڪو ارادو. اسين ايندا سين!“ سانول ٻي ڀت ڀڃائڻ لڳو. ڪندن جي دل ۾ هڪدم سانول لاءِ نفرت جاڳي آئي.... بدچلن! سو جيٺوءَ ماءُ سان به رهندو آهي. جيٺوءَ ماءُ ريجهومل ۽ گهنشام جهڙن ڪيئي پٽيو ڀڙهائي ڇڏيون. احمد شاهه، بابو ۽ ڳوٺ جا ڪل معتبر ڪوششون ڪري ٿڪا، پر جيٺوءَ ماءُ پنهنجين شرارتن کان باز نه آئي. سو سانول ته هن اڳيان ٻار آهي. هوءَ هنڪي اهڙي ڏينهن ۾ گهليندي جتان هن لاءِ سنئين لڱين نڪرڻ مشڪل نه، پر ناممڪن ٿي پوندو. پر هو جيٺوءَ ماءُ جي ور چڙهيو ڪئن؟ ڪڏهن چڙهيو؟ مونکي ڇو ڪين....

”اسڪول ڪونه هلندين ڇا؟“

ڪندن ڇرڪ ڀريو. آئل سندس ننڍو ڀاءُ ڪتاب ڪڇ ۾ اسڪول بيٺي ويو. ڪندن شرمائجي ويو ته مان وڏو ٿي به اجايو وقت پيو وڃايان. پر ننڍي ڀاءُ کي چيائين، ”تون هل ته مان پندرهن ويهن منٽن ۾ اچان ٿو.“ ۽ هو سڌو گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

گهر تائين پهچندي پهچندي ڪندن فيصلو ڪري ورتو ته جيڪڏهن سانول جيٺو ماءُ سان رهندي رکڻ کان

سگهن ٿا، ڏوهاري کي ڪاٺين ٿا."

ان ڏينهن بعد ڪندن ڪڏهن به، هنجي ڪوٺائڻ تي، وٽس وڃڻ کان انڪار نه ڪيو هو. ڪندن گهر ۾ رات جي روٽي رڌي نه کاڌي. خبر هيس ته احمد شاهه ڪجهه نه ڪجهه ضرور کارائيندو. احمد شاهه پلي ڳوٺ جو وڏيرو هجي ها ڪندن پڻ کي پٽ جو مسلمانن وٽ کائڻ پسند ڪونه هو. ڪڏهن ڪڏهن آڻ سڌي طرح هو پٽ کي منع به ڪندو هو، پر احمد شاهه جي قرب ۽ معذرت اڳيان ڪندن پيءُ جو فرمان شڪست کائي ويندو هو.

احمد شاهه پنهنجي ڪٽ تي ليٽيو پيو هو. خانڻ ڪيس زور پئي ڏنا. ڪٽ اڳيان وڇايل نڏيءَ تي موسى ماڇي ۽ هوندو دڪاندار ويٺا هئا. هوندي جا موسى وٽ ڪي پيسا رهيل هئا. هن آن بنسبت پنهنجو طرف پئي هڏايو جو ڪندن آني پهتو. هنڪي آيو ڏسي شاهه آٿي ويٺو. خانڻ ڪٽ تان لهي بنا ٽيڪ واري موڙهي تي ويٺو. شاهه ڪندن کي ڪيڪاري پنهنجي پرسان ڪٽ تي وهاريو. ڪندن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيري شاهه چيو، "موسا، واڻئي کي پئسا ڇونه ٿو ڏين؟"

"بابا، حساب ۾ رولو آهي. منهنجي ڏيان ۾ ست روپيه آهن، هوندومل ٻارهن ٿو چوي."

هوندي دڪاندار چيو، "موڙوٺ بنديءَ ۾ سمورو حساب ڪتاب لکيل آهي."

”مان ته ماڻ ڄاڻين ته واڻيءَ کي پيسا چڪتو ڪري ڏي نه نه . خانڻ! اهو لکڻ تي لاهي وٺ.“

خانڻ آنيو ۽ موڙي مٿان کليو ۽ ٽنگيل ڇپر جي ڦٽڪي وارو بند جو لکڻ لاهي شاهه کي ڏنائين.

”پر بابا!“ موسي عاجزيءَ وچان چيو.

شاهه انهيءَ تي ڪرڙي چيو، ”اهڙي اوڏر ڪاڏهو چو نا؟ هوندا مال، تو کي هفتي اندر پيسا نه ملن ته مونکي چئائج، هاڻي وڃو.“

موسي جئن نڙي جتي پٽي پاتي، تئن شاهه پنهنجو بيد جو لکڻ هوا ۾ ڦيرائي ڌڪاءُ ڪندي چيو، ”ماڇيءَ جا پٽ! واڻيءَ کي سڀ پيسا ڏي، ته اڌ پيسا ڏيئي ڇڏ. واڻيو بيهر مونوٽ دانهين آيو ته تنهنجو لاش هتان پاهر ويندو. سمجهين!“

موسي ڪوئي جواب نه ڏنو. جتي پاتي شاهه کي پيرين پئي هونئن پنيان هلڻ لڳو.

”بچل کي نياپو ڏج....“ شاهه جي آواز تي موسو بيهي رهيو. ”بچل کي نياپو ڏج ته اسٽيشن واري باغ تي ٻه هزار پڪيون سرون ۽ اٺ هزار ڪچيون سرون موڪلي ڏئي. مون سپاڻي رجب رازي ۽ ڪمين کي اچڻ لاءِ چيو آهي، ٻڌءِ؟“

”ها، بابا!“ ائين چئي موسو هليو ويو.

ڪنڌن هيٺ تين ڪٽ جي پاسي ٽنگون لٽڪائي، ڪنڌ جهڪائي ويٺو هو. باغ جو ٻڌي چيائين. ”باغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڇا ٿا ٺهرايو؟"

"آنبن پچائڻ لاءِ ٻهرو ٺو جوڙايان. هن سال وڻن ٻور جهليو آهي."

شاهه خانڻ کي ويجهو اچڻ جو اشارو ڏنو.

"چڻن جي دڪان تي وڃ، مان آڌ ڏزن بيضا اوٻارڻ لاءِ ڏيئي آيو آهيانس. پليٽ ۾ اهي بيضا وٺي اچينس ۽ چئينس ته پندرهن ويهن منٽن کانپوءِ ٻه ڪوپ چانهه جا ڏياري موڪلي."

خانڻ جي وڃڻ بعد شاهه ڪندن کي نرمائيءَ سان سمجهائڻ لڳو.... سانول جي صحبت ۾ اٿين هوش وڃائڻ ٺيڪ نه آهي. هن سان سنڀالي هلڻ کپي؛ هن سان نه ڦتائڻ کپي، نه صحبت وڌائڻ کپي. هو برابر سنگت جو سٺو آهي پر هنکي عمر ڀر جو دوست بنائڻ نه کپي. هن پنهنجي حياتيءَ جو مقصد رلڻ پنڻ، جوئا ڪرڻ ۽ ڀنگ پيئڻ چونڊيو آهي. تو کي پيءُ جي ملڪيت سنڀالڻي آهي، دڪان وڌائڻو آهي ۽ ڪٽنب جي پالنا ڪرڻي آهي. مکي پڳيءَ پر ٽي بيٺو آهي، آڏل اڃا ننڍو آهي، تون شايد چوندين ته مان سانول کي سڌاري سگهندس؛ پر حقيقت هي آهي ته ڪچيءَ ڪنا نه وريا نه پڪيءَ ڇا ورندا؟ سٺي ٻڌجڻ کان بڇڙو ٻڌجڻ آسان آهي. اخلاق حاصل ڪرڻ کان اخلاق وڃائڻ سوکو آهي. هڪ دفعو اخلاق وڃائي وري حاصل ڪرڻ اوکو نه ناممڪن آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُئين ڳالهيون ڪندي ڪندي شاهہ ڪندن ڪان سانول جي صحبت ڪان ڪناري ڪرڻ جو انجام وٺي ڇڏيو. ڪندن هونءَ شايد نٿائي بہ وڃي ها، پر صبوح پنهنجي ڪنن سان جيئو ماءُ جي گهران سانول جو آواز ٻڌو هئائين. انهيءَ ڪري سندس دل اڪيئي ڪي قدز ڦري ويئي هئي. مٿان شاهہ جي دليان هنکي سانول ڪان مڪمل طرح بدظن ڪري ڇڏيو.

( ٤ )

مست بابا حي مقام مان نڪري سانول ويچار ڪرڻ لڳو تہ ڪيڏانهن وڃان. اول خيال آيس تہ ابراهيم جي پٽ وٽان، هنڪي ۽ زينت کي وچي دلاسو ڏيان تہ سٽت ڻي اهي ڳهہ واپس وٺي ڏيندو سائو. اُنيئي وري ٻيو ويچار آيس... ڪالهہ شام جو زينت ۽ هاجره اڳيان هام هڻي آيو هوس تہ ڳهہ هٿ ڪرڻ تہ منهنجي ڏاڏي هٿ جو ڪيل آهي، سو هينئر زينت کي ڇا چوندس ۽ هاجره کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس؟ سانول ڪان آيو ساه ڪڇي ويو. ڦره جوانيءَ جي ڏاڪي تي ڪڙي پيري پيڪر.... هن ڪالهہ تي اکين ۾ شرارتي چمڪ پري، عجيب مرڪ مرڪي چيو هو، "سانول، مڪيءَ ڪان هڪ دمڙي

ڪونئرا تي ويندا هئا. سانول ڪندن تي ساهه ڇڏيندو هو. هن ۾ آوارا پڻي ۽ حسن پرستيءَ جو عجيب سنگم موجود هو. ڪنهن نه ڪنهن سهڻي ڇوڪر سان دل لڳائي بيسري آواز ۾ ڳائيندو رهندو هو:

”سهڻن سان سر لڳي منهنجو،
حياتيءَ تائين ڀڃي آهيان.“

اول پڇن، پوءِ نرمل ۽ تنهن کانپوءِ ڪندن. سانول جهڙوئي خوش قسمت جوئاري هو تهڙوئي بدبخت عاشق هو. پڇن پيءُ جي دڙڪن ۽ چڙٻن تي ڪانئس ڪنارو ڪري ويو. نرمل جوانيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي قدم مس رکيو هو نه ڏينهن جي جهڙپ جهٽڪو هنيو. هنجي بي وقتي موت لاءِ سانول پاڻ ئي جوابدار هو. ته اونهاري جي بيپهريءَ جي ساڙيندڙ آس ۾ ڪانو جي اک ٿي نڪتي، اُن وقت هو نرمل کي ساڻ ڪري ٻوڙيءَ واري دڳ تي صوفي پير پٺو ويو. پاڻ مٿي چڙهي وڻ جي ڏارن کي ڌوڻڻ لڳو ۽ نرمل هيٺ ڪرندڙ پڪل پير چونڊڻ لڳو. اچانڪ نرمل رڙ ڪئي، ”سانول، مونکي اُلٽي ٿي اچي. مٿي ۾ زبردست سور اچي پيو اٿم.“

سانول هيٺ لهي اُن وچ نرمل اُلٽي ڪئي. ڏڳائو ڪڙٻ جي ٻيل گاڏي پري، ڳوٺ پٺي موٽيو. ٿي ڪڙٻ تي چڙهي ويئا. سانول نرمل جي گهر وچي نه سگهيو، هو ٻاهرئي ويٺو رهيو. شام جو پنجين بجي اندران روئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو آواز آيو. سانول جو هنياءُ ڦاٽي پيو. هن جي دنيا برباد ٿي ويئي. سمنڊ جي پاڻيءَ روئندي رڙندو ويو. مٿس كي آگ لڳائڻ كان اڳ، انجو منهن كولي سورج جي ساكيا ۽ كيهه جي آنچلي ڏني ويئي. سانول جڏهن اکين ودي دلبر جو پويون پيرو ديدار كيو، تڏهن نرمل جي پاڻ وڏي واكي كيس پارانو ڏنو. پر سانول انجو جواب كونه ڏنو. هو هك كنڊ ۾ ويهي رئندو رهيو. لنبن ڏينهن بعد پيا ماڻهو ٿورو وقت پڇڻ پاڻ كري موٽي ويا، پر سانول ويٺو ڇنكيا ڏانهن ڏسندو رهيو، رئندو رهيو. نرمل جي صحبت محبت جا اكيچار نظارا هن جي اکين سامهون پئي ڦريا. باهه جهكي ٿي اجهامي ويئي. سمان ۽ اونده آندكار چانئجي ويو، پر هن جي دل جون گهنگهور گهٽائون تهائين سياه ٿي ويئون. هو ويٺو رهيو، رئندو رهيو ۽ ركي ركي ٻيسري آواز ۾ گنگنائيندو رهيو:

"يا نه پسڻ پرين جو، يا نه پرين جي پچار"

* * * * * *

كندن كي سخت، كارا ۽ مٺا ڦاروهان وڻندا هئا. كندن هنجو سوٽ هو، كانئس چار پنج سال ننڍو. انهي جي پيئرن جي قسمت الگ الگ هئي. هك ويپاج خوري مان شاهوكار ٿيندو پئي ويو، ٻيو بگين پئيان پيسا وڃائيندي سچو ٿي رهيو هو. پيءُ جي ڏكان تي

انول جڏهن به شڪل جو رڪارڊ ٻڌندو هو، "ايڪ
باپ ڪي دو بيٽي، قسمت جدا جدا!" نڌهن انجي
ٽيءَ جي صداقت لاءِ هنکي دور وڃڻو نه پوندو هو.
پاڻ هڪ ٻئي جي لاڳيتو رهندي به هڪ ٻئي سان
شڪل ڳالهائيندا هئا. ٻن ڀاڻن به ڪڏهن هڪ ٻئي
ني عزيز ڪري نه ڄاتو هو. ٻئي جدا جدا حالتن ۾
ندا رهيا، هڪ ٻئي کان دور ٿيندا رهيا. پر نرمل جي
ت اوچتو ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو.
انول جي ذهن ۾ گذريءَ جو چتر ڦري آيو. ٻٽريات
مي جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ هن نرمل جي اجهايل چڪيا
نهن ٻٺو، نهاريو. هنجي اکين جا آنسو خشڪ ٿي چڪا
ا، پر دل جو درد اڃا دور نه ٿيو هو.

"سانول، منهنجي ماءُ ٿي توکي ڪوٺي!"

هن منهن ورائي ڏٺو. مسان جي ڦاٽڪ وٽ ڪندن
و هو.

تنهنجي ماءُ! ايڏي درد هوندي به سانول جي دل
ر ٻجان جو جذبو بيدار ٿي ويو. منهنجي ماءُ! ڇا هوءَ
جي ڪير ڪانه ٿئي؟ دولت انسان کي ايڏو مغرور،
و ڪريل بڻائي سگهي ٿي!

گهر موٽندي سانول ڪندن کان پڇيو هو، "منهنجي
، ڇا تنهنجي ڪجهه به نه ٿئي؟"

"ڇو ڪين؟ منهنجي چاچي آهي." ڪندن معصوميت
ن مرڪندي ورائيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ تو ’تنهنجي ماءُ‘ ڪري ڇو چيو؟“

ڪندن جي منهن تي اول معصوميت ۽ پوءِ ڪناهه جي احساس جو ڀاءُ ٿيو. سانول جي ڪڙور دل موم ٿي ويئي.

”ماءُ تنهنجو ڇا ٿيان؟“

”سوٽ.“

”سوٽ!“

سانول محسوس ڪيو ته دنيا بلڪل ويران نه آهي بيابان ۾ به هنڪي چڱي خيابان هٿ اچي ويو.

ڏيري ڏيري سانول جي دل جي خالي تخت تي ڪندن براجمان ٿي ويو. دلين جي پيچن ڪنگا جمنا جو سنگم ڪري ڇڏيو. صوفي سماڳمن، جوئا جي ٽڪرين پڳتين ۾ هرهنڌ ڪندن سانول سان گڏ هوندو هو. پيءُ جي دپ کان ڪندن سڪول ڪونه گسائيندو هو. ٿورو وقت دڪان تي به وهندو هو، پر باقي وقت سانول جي سنگ ۾ گذاريندو هو. ڪندن ۾ احمد شاهه جي دلچسپي سانول لاءِ صرف سروءَ جو سنديش ڪٺي آئي، ڇاڪاڻ ته هو ڪانئس صفا ڇڇي ڏار نه ٿيو. فرق ايترو ٿي پيو جو ڪندن جي گهڙيون ـ ڪانئس الڳ ٿي احمد شاهه جي صحبت ۾ هليو ويندو هو.

پر پوءِ هڪ ڏينهن....

هاجره حسن ۾ جوڀن جي ـ انوکي بهار ڪٺي سانول جي زندگي ۾ گهڙي آئي. جوان هاجره کي ڏسي سانول

دل ۾ جيڪا لرزش ۽ سرور ۽ جيڪا ڪٽڪٽائي اهڙي هن اڳي ڪنهن جي صحبت ۾ محسوس ڪئي هئي.

اوچتو شاموني جو باغ سامهون ڏسي سانول ڪان ڪري ڏکري ويو. ڪهڙا ڏينهن اڳي ڪڏهن لاءِ ڦاروهان، انهيءَ شاموني جي باغ مان ٿي چنڊ آيو هو. پر اڄ هو پنهنجن ئي ڀورن ۾ غلطان هو، نڌهن هنجا قدم بيخبريءَ ۾ پنهنجي محبوبا جي مڪان ڏانهن کڻي آيا هئا. ڦاروهن جا ٻوڙا سندس سامهون بيٺا هئا ۽ آنهن وچان ٻريان ابراهيم جي جهوپڙيءَ مان، ڏئي جي روشني ڏئي.

سانول سوچڻ لڳو: ابراهيم ڪان احوال ٻڌندي زينت جا ڇپهه ڇڄي پيا هوندا، شايد هنجون ٻه هاريون هوندائين. ماجره ٺٺوليءَ ڳاڙ مرڪ مرڪي ڇيو هوندو: مونکي ڪهڙ ئي سڌ هئي. مکيءَ جا پير زور آهن، نه ته هيڏي ساري جائداد ٺاهي ٿي ڪٿن سگهي ها؟

سانول جي همت پست ٿيندي وئي. هنجو ڏانو هٿ ڦاروهن جي ڇن ڏانهن وڌي ويو. هن هڪ ٻن ڀٽيو، ڪي هٿ ۾ جهلي سروليو ۽ جهوپڙيءَ ڏانهن ڏٺائين. ساري ڦاروهن جي سامهون ليمن جي وڻن جي ڏائي پاسي ساري ڪليل ميدان ڏانهن نهاريائين... ڪڪڪ جا ننڍا ڪانا ڏکا ٻڪ بلند ٿي ويا. ننڍڙا سنگ وڏا ٿي جوئر ۾ سنگ ٻنجي ويا. اچانڪ هڪ گلياو سندس پيرن

وٽ اچي ڪريو. هن جوڙ جي فصل ڏانهن نهاريو. پيهي
تان هڪ ڇوڪريءَ ڇيلهه وٽ پوتي ٻڌي ڪليلي سان
جهار پٺي هڪلي. ڪليلي اچڻ سان ”ٻلهو ٻلهو“ ٻ
پٺي ڪيائين.

سانول کي ويچار آيو ته شامونءَ جي باغ ۾ ن
ابراهيم پوک ڪندو آهي. هيءَ زينت به ڪانهي. ز
ڇا هنجي پيءُ هاجره.... ايڏي وڏي ٿي ويئي آهي!

ايتري ۾ ٻري ”ٻلهو ٻلهو“ جو آواز آيو ۽ پيو ڪليلو
سندس پٺيان اچي ڪريو. سانول ڦاروهن جي ٻوٽن سان
نڪري پيهي طرف وڌيو، پر ٿورو اڳتي وڌي بت بڻجي
بيهي رهيو.

ڪارن اڇين وارن جون ڇڳون هوا ۾ پٺي اڏائيون
ڇيلهه وٽ ٻڌل پوتيءَ ڪارڻ ڪمر وڌيڪ پتلي ٿي
لڳي ۽ سينو ڄڻ ساگر جي موج مثل اڳتي وڌندو ٿي
آيو. هنجي جوان معصوم مهانڊي تي جهار مٿان سوڀ
حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ پٺي کيليو. ڪليلي هلائڻ جي
ڪثرت سبب ڳلن تي لالائي وري آئي هيس.

سانول اڳي ڪڏهن به حسن جي اهڙي رونق ڪا
ڏٺي هئي. هو ان حسن اڳيان بيخود بڻجي ويو. عقل
مت شرم وڃائي حسن جي ان مجسم ڏانهن ڏسندو
رهيو.

”ڪير آهين؟ سانول! ڇا ڪپئي؟ پيهي تان حسن
سوال ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو آهي.

پر سال جي ٿي ڳالهه آهي. سانول پڻ عيدن ۽ جمن شاهه جي ميلي تي ويو هو ۽ اتي مدن فقير جي صحبت ۾ مشهور جنت بيگم جي مجري ڏسڻ لاءِ هنجي پڪي ۾ به ويو. ڪرڙوڊ بيگم جو تن آڏ ننگو ۽ چاني مني ننگي هئي ته به سانول ڪي آن ننگائيءَ ڪا به ڪشش ڪانه ڪئي. پر اڄ هاجره جو سياويڪ جوڀن پسي هنجي سرير مان ڄڻ بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ هنجي سيني ۾ طوفان برپا ٿي ويو.

سانول جو ابراهيم سان ناتو بس آن ڏينهن بعد ئي پختو ٿيو هو.

هاجره سان گڏ ويهي ٿي ٻيهي جهار هڪلڻ، ڀاڄي لٽڻ، هر ڪيرڻ، هنجي حسن جو جلوو پسڻ ۽ هنجي صحبت محبت جو مزو ماڻڻ....اهي سانول جون دلچسپ مشغوليون بنجي پيئون.

جهوپڙيءَ ۾ ڏيئو وسامي ويو، ڦاروهن جي ٻولن وچمان ايندڙ روشني ختم ٿي ويئي. سانول جي سپن سنسار مئين ياد گيرين جي رنگين دنيا تي اندڀرو ڇانئجي ويو. هنن ڪي آثاري هننجا ستا سور جاڳائڻ ٺيڪ نه آهي... ائين سوچي سانول پنهنجي موت ڪاڏي.

نولکي واهه جي ڪپ نان لهي، اسٽيشن روڊ تي هاه اسڪول کان ٿيندو سانول ڇوڪرين جي اسڪول واري کهٽيءَ ۾ کهڙيو. اچانڪپنيان کهوڙي گاڏيءَ جي اچڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندس؟ نه نه، لائين مور نه ٿيندو. هوءَ سونهن ۽ جواني جو مڪمل ميلاپ آهي. هن جهڙي نار دنيا ۾ ٿي ٿي سگهي؛ ۽ جيڪا ڪشش ۽ محبت جي گهرائي جنس مونث سان نينهن اڏڪائڻ ۾ آهي، سا ڇوڪرن سان عشق ڪرڻ ۾ ڪٿي؟ سانول جي خيالن وري پلٽو کاڌو نڌهن ڀلا صوفي، ڇوڪرن سان دل ڇو ٿا لائين؟ احمد شاهه، مدن فقير، ملو عبدالغني....

”سانول هلڪو ڇرڪ ڀري ٻيهي رهيو. ڏوهڻ ڏڪائي واري گهڙيءَ ۾ بگي ڦيرائي هليو ويو.

گاڏيءَ مان لٿل مرد ۽ عورت سامان ڪڍڻ ٿي هئا.

سوال ان مرد ڏي ڪيو هو.

سانول کي سڃاڻڻ ۾ دير نه لڳي. هو رام هو....

جيٺو ماهءَ جي ماتيلي ڌيءَ جو گهوٽ! نوجوان زال هنجي پٺتي هئي، جيٺو ماهءَ جي ماتيلي ڌيءَ .... پڻي.

هيٺئر پڻيءَ به چيو، ”ڀيڻ کي به ٿئو سڃاڻين ڇا؟“

سانول مرڪي چيو، ”سڃاڻان ڇو ڪين ٿو. پڻعيدن واري گاڏيءَ مان لٿا ڇا؟“

”ها.“

سانول کين سامان ڪڍائڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو.

جيٺو ماهءَ، رام کان پنهنجي ماتلي ڌيءَ جا ساڍا ٽي سؤ روڪڙا ورتا هئا؛ تنهن ڪانسواءِ هو مهني سر مهني هنڪي پندرهن ويهه روپيه موڪليندو هو. سال ڏيڍ بعد هڪ دفعو زال کي وٺي مس جي خبر چار به وٺڻ

جيٺوماڻ جي گهر وٽ پهچي سانول هٿ واري ڳرنڍ دکيءَ تي رکي ۽ ڪاهي تان بسترو لاهي آن مٿان رکيائين.

سانول پوءِ اڳتي ٿي وڌيو ته رام زور ڪندي چيس، ”اندر هل نه؟ ڇاڻ صبوح ٿيو. هلي ٿا ڪپ شپ هڻون. مس مس ته مليو آهين دلبر!“

سانول کي جيٺوماڻ لاءِ نفرت هئي، تنهنڪري هو آنا ڪاني ڪرڻ لڳو. هڪ طرف رانوڪي رات ۽ ٿيل ٿڪ ٿڪتنائن هنجي دل کي ڪافي دکي ڪيو هو، اِن ڪري کي گهڙيون رام جي صحبت ۽ گهارڻ جي تمنا هن جي دل ۾ زور پڪڙي رهي هئي، ٻئي طرف جيٺوماڻ جهڙي بدنام عورت جي گهر وڃڻ هن جهڙي بيباڪ آواره کي به ڪتڪڻ لڳو. ويچار آيس ته هاجره کي خبر پئجي ويئي ته هوءَ ڇا سوچيندي؟ پر رام جي لڳاتار زور ڀرڻ، ٻاڻهن ڪان ڇڪڻ ۽ رام جي صحبت ۾ غم ستائڻ جي دلي تمنا هنجي سڀني ڪٿڪن تي غالب پئجي ويئي ۽ هورام جي ڳالهه مڃي جيٺوماڻ جي گهر اندر گهڙيو.

اندر گهڙندي گهڙندي هنکي هڪ دفعو وري به ويچار آيو ته هاجره کي خبر پوندي ته هوءَ ڇا سمجهندي؟ پر پوءِ دل کي اهوئي آٿت ڏنائين ته هنکي سچ سچ ٻڌائيندس ته هوءَ مونکي ڪڏهن به غلط نه سمجهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( ٥ )

رام کي نئين وايومنڊل ۾ ٺهي نڪي وڃڻ ۾ دير نه لڳي. احمد شاهه جي مهربانيءَ سان هن کي ڇوڪرين جي سڪول سامهون شاهوڻ جي جڳهه وارو هٽ سنئين رهڻي ماهوار مسواڙ تي ملي ويو. شاهوڻ ان هٽ ۾ آنب پال وجهندو هو. اڳ ۾ ڪيترن ماڻهن ڪانئس اهو دڪان گهريو ۽ هن انڪار ڪيو هو، پر شاهه جو چيو موٽائڻ سندس وس کان ٻاهر هو،

رام وڏي شهر مان هوٽل جا وڏا خيال ڪڍي آيو هو، جنهن ڪري ڌنڌي ڄمائڻ ۾ هن کي دقت ڪانه ٿي. سامهون ڇوڪرين جو اسڪول هو. ساڄي پاسي کان، اسٽيشن کي مارڪيٽ سان ڳنڍيندڙ ڳوٺ جو مکيه ۽ پڪو رستو هو. ان پڪي رستي جي پرينءَ پر هاءِ سڪول، راند جو ميدان ۽ بورڊنگ هائوس هئا. کاٻي پاسي واري گهٽي اُن گهٽيءَ سان وڃي ٿي ملي، جنهن جي هڪ پاسي کان شاهي بزار ٿي شروع ٿئي ۽ ٻئي پاسي لڪائو، مڙهي ۽ نو لکي واهه هو. واهه جي ڪناري تي ٿورو اڳيرو مست بابا جو مقام هو. هوٽل جي پٺ کان وري ڍنگورائين جو پاڙو ۽ ڪرسنگت هئي. ڳوٺ ڀر ۾ هوٽل لاءِ ٻيو اهڙو ٺاهوڪو هنڌ ملڻ مشڪل هو، جنهن ڪري ٻن ٽن هفتن اندر ئي رام جي نئين هوٽل سڄي ڳوٺ جو مرڪز بڻجي پيئي. ڪيسن، پيمن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان نوڪري ڪانءِ ڇڏ....“

جيٺو ماءُ جملو پورو ڪري ئي ڪري ٿي ته هن کان اڳيئي رام هن کي ڳل تي زور سان چماٽ وهائي ڪڍي.

”مان نٿو چاهيان ته ڳوٺ وارا مونکي بدنام ڪن جو نائي ڪري سڏين، يا تنهنجو چريتر منهنجي ڏنڌي جي ترقيءَ جي آڏو اچي.“

جيٺوءَ ماءُ روئڻ لڳي، رڙڻ لڳي ۽ ڏيءُ نائيءَ کي پارانا ڏيڻ لڳي.

رام انهيءَ تي ٻي چماٽ هڻي چيس، ”اڄ لاءِ ايترو بس اٿيئي. پر جي گهر کان ٻاهر نڪتينءَ ته چوٽيءَ کان ڏونڏاڙي اهڙي ڪار ڪندو مانءِ جو گرمکه يا تنهنجو پيو ڪو يار ڇڏائي نه سگهندءِ. ٻڌءِ؟“

پوءِ وارو دروازو زور سان بند ڪري رام ٻاهر نڪري ويو ۽ دڪان تي پهچي، هن پنهنجي نوڪر گدوءَ هٿ گرمکه جي گهر چوائي موڪليو ته اڄ کان وٺي جيٺوءَ ماءُ توهان وٽ ڪم ڪرڻ نه ايندي.

اها خبر ٻڌي گرمکه جون وايون بتال ٿي ويون. جا ڪامواسنا هنجي تن بدن ۾ آچلون ماري رهي هئي سا هنکي مدهوش بنائي جيٺوءَ ماءُ جي گهٽيءَ تائين ڇڪي آئي. هو سانول جي گهر ٻاهران لنگهي رهيو هو ته اوچتو ٺٺولي ڀريو آواز ٻڌائين، ”ديوان، ڪيڏانهن قدم رنج فرمائي رهيو آهين؟“

هن مٿي نهاريو. سانول ماڙيءَ جي دريءَ وٽ

بيهي مرڪي رهيو هو.

”انيئي بزار ۾ ڪم اٿم.“ گرمک مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

”هونءَ ته سائنجن اندرئين ڪوهه واري کهڙيءَ مان وينڌا آهن.“

”ڪڏهن هتان به لنگهندو آهيان.“

”مهيني سوا ۾، رام جي اچڻ بعد به؟“ سانول پڇيو.

گرمک کوبه جواب نه ڏنو.

”نرس ديوان! منهنجو تو ۾ ڪم آهي.“

گرمک، پارومل ٺڪن واري جي دڪيءَ ٻاهران ٻانهون ٻڌي بيهي رهيو. دل ۾ اهوئي پئي سوچيائين ته سانول جو مون ۾ ڪهڙو ڪم پيو هوندو.

”مان ڪيئن جيئنديس جگ ۾

جيڏيون! پنهنجي پنهل پچاڻان.“

بيسري آواز ۾ ڳائيندو، سانول گرمک ڏانهن وڌيو.

”ڪهڙو ڪم اٿيئي؟“ گرمک چاڙهڻ لاءِ آناولو ٿي رهيو هو

سانول وراڻيو ”بزار ڏي ٿو هلين نه؟ مان به اوڏانهن ٿو هلان. هل وات تي ٿو ٻڌايانءِ؟“ ٻئي ڄڻا بزار ڏي وڌيا.

”ديوان!“ سانول آلبت رڪائيءَ سان چيو، ”پنهنجي ڳوٺ ۾ شرافت سان هلڻ کپي. پيسن جو ٻاڏور به ڪنهن حد تائين ٺو ٺهي. حد لپڻ تي ڪڏهن ڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏکي کان بچي وڃين!“ شامونءَ چيو.
رام اُنجو ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگھيو. هو چپ چاپ ڪنڌ جھڪائي، پنهنجو ڪم ڪندو رهيو.

## (٦)

ڪندن احمد شاھہ کي سانول سان رستو نہ رکڻ جو واعدو تہ ڏيئي ويٺو، مگر سندس زندگيءَ ۾ چڻ هڪ خال پيدا ٿي ويو. پررين ٻن سالن کان هنجو سانول سان رستو هو ۽ ڏينهن جو وڏو حصو هنجي صحبت ۾ گذاريندو هو. هنجي صحبت ۾ وقت ڪھڙو نہ سولو ۽ سکيو ڪٽجي ويندو هو!

زيورن چورائڻ جي ٻئي ڏينهن تي شام جو ڪندن احمد شاھہ سان گڏ ڪيسن جي دڪان تي ويٺو هو تہ سانول بہ پنهنجي نئين دوست رام کي وٺي اُتي آيو. ڪندن جي ڏاڍي دل ٿي تہ سانول سان چپ چوريان، مگر احمد شاھہ جي موجودگيءَ ۾ هو ائين ڪري نہ سگھيو ۽ رکو منهن ڪئي خاموش ويٺو رهيو. سانول دڪان تي اچڻ شرط کيس چيو، ”سوُٽ، ڪھڙو حال آهي؟“

ڪندن اُنجو ڪوبہ جواب نہ ڏيئي صرف مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي. سانول جھڙي افلاطون لاءِ ڪندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دل جو ڀاؤ ڀاڇڻ ڏکيو نہ هو. هن ڪندن سان وڌيڪ ڳالهائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

انهيءَ بعد سانول جڏهن بہ وات ويندي ڪندن سان ڳڌبو هو تہ اهوئي سوال دهرائيندو هو، ”سوٽ، ڪهڙو حال آهي؟“ ڪندن اڪثر انجو جواب صرف مرڪڻ سان ئي ڏيندو هو يا ڪڏهن مٿهن ڪنڌ ٻڌائي چوندو هو، ”ٺيڪ آهي.“

ٻن سوٽن، مختلف ماحولن ۾ پليل انهن ٻن نينگرن جون زندگيون ريل جي مختلف رستن تان هلنديون هڪ جنڪشن تي اچي ڳڌيون. ٻن ٽن اسٽيشنن تائين ٻئي گڏ هليون ۽ پوءِ وري عمر ڀر نہ ڳڌجڻ لاءِ، الڳ الڳ ٿي ويئون!

سانول کي ڪندن جي جدائيءَ کي سهسائڻ ۾ گهڻي دير نہ لڳي. هنکي پنهنجي آوارا پڻي جون مشغوليون اڳيئي گهڻيون هيون. ويتر جو رام اچي ويو تہ هيءُ دڪان جي ڳولها ۾ ڪيس بہ مشغول رهڻو پوندو هو. رام جي هوٽل شروع ٿيڻ بعد سانول پنهنجي واندڪائي جي گهڙين ڪاٽڻ لاءِ اُتا آڏو ٻڌائي ڇڏي. پر سانول کان الڳ ٿيڻ بعد ڪندن لاءِ وقت ڪاٽڻ جيوت جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڏکئي ۾ ڏکيو مسئلو بڻجي پيو. اسڪول جي ڇٽن ڪلاڪن بعد هنجو وقت وڏي پوندو هو. ۽ چار ڏينهن پيءُ جي دڪان تي وڃي ويٺو، پر انهي هنکي دل بهلائڻ لاءِ ڪجهہ ڪين مليو. پڻس سچو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن دولت وڌائڻ جي فڪر ۾ رهندو هو. دڪان تي رکيل وکرن جي وڪري ۾ پڻس جي خبر ڪا دلچسپي رهندي هئي. اهو ڪم سنگهو ڪندو هو. پڻس ته بس وياج وٺي ۽ گروي جي چڪر ۾ قائل هوندو هو؛ غريب محتاج هندن مسلمانن جي سڪي پاڪي سان ڏاڍي ڪوڙڻ ۾ مشغول رهندو هو. اها رونداد ڏسندي ڪندن کي هميشه سانول جا لفظ ياد اچي ويندا هئا

هڪ دفعي ڪندن اوطاق ۾ ويهي اسڪول جا حساب پئي ڪيا ۽ سانول پرسان ئي ويٺو هو. ڪندن حساب ڪندي سانول کان پڇيو، "پنج پنجان؟"

سانول چيو، "پنجونجاه."

ڪندن ٺهڪ ڏنو، "اهو ڪوڙو به ٺٺو اچيئي؟"

"مونکي اچي ٿو، ڪاڪي کي نه ايندو آهي!"

"ڇو ڀلا؟" ڪندن عجب وچان پڇيو.

"ڪاڪي جي جدول نرالي آهي. پنج پنجا پنجونجاه پنج ڇڏيا ماڻهن باقي ٿيا سٺ. پنج پٺهن جي خرچي سي ٿيا صافي پنجهٺ. توهانجي ٺجوڙي اهڙا ائين پر جندي ئي رهي."

دڪان تي وهندي ڪندن کي ڪڏهن پيءُ جي اِن جدول پڙهڻ جو موقعو ته نه مليو پر اهڙا سمڪ ضرور پيس ته سانول سراسر غلط نه هو. اهوئي سبب هو جو هو دڪان تي پنهنجي دلچسپي برقرار رکي نه سگهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندن نيت احمد شاهه سان وقت وڌي ٻوڻ جي شڪايت ڪئي. احمد شاهه سندس هٿ کي پنهنجي هٿ سان پيار ڀريو زور ڏيئي چيو، "ڳوٺ ۾ وقت ڪاٽڻ جو واحد ذريعو سانول جي صحبت نه آهي، ٻيا به گهڻا طريقا آهن. پنچائتي هال ۾ اخبارون ايندڙيون آهن. مهراج شنڪر وٽ ڪتابن جي لئبرري آهي. ڪتابن جي صحبت ڪنهن به ساٿي سنگت کان گهٽ نه آهي. تنهن ڪانسواءِ شام جو اسڪول جي ميدان ۾ راندڙيون ٿينديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ٻوهوءَ جي باغ ۾ صوفي سماگم ٿيندو آهي. ٻنسري نه اٺي روز رات جو وڄندي آهي. جيڪڏهن سانول کان جند ڇڏائي به تون وقت ڪاٽڻ ٿو چاهين ته انلاءِ گهڻيئي رستا آهن. باقي سانول جي صحبت ڇڏڻ ني تنهنجي دل نه ٿيندي هجي ته اها ٻي ڳالهه آهي."

شاهه جو طعنو ڪندن جي دل ۾ چڀي ويو.

ٻئي ڏينهن هو اسڪول مان موٽي، ماني کائي، سڌو پنچائتي هال ۾ ويو. اخبارون اٿلائيندي، خبرن جون سرخيون ڏسندي، خونن ڌاڙن جون خبرون پڙهندي اڌ ڪلاڪ ڪٽجي ويس. گهر موٽندي شنڪر مهراج جي گهر به ويو.

"ڪتابن پڙهڻ جو شوق اوچتو ڪئن جاڳيو اٿيئي؟" مهراج پڇيو.

"وقت ڪاٽڻ لاءِ ڪتابن پڙهڻ جو ڏس مليو اٿم."

"ڪتابن جي چڪر ۾ نه ڦاس." مهراج ٽهڪ ڏيئي

چيو، "ڦاٿين نه ننڊ آرام حرام ٿي وينده، ڪـاڏو پتو
وسري وينده."

"مهراج، اهاڻي ڳالهه نه ڪيم."

"ڪهڙو ڪتاب ڪيئي، سماجڪ يا جاسوسي؟"

"جيڪو ننڊ آرام حرام ڪري ڇڏي، ڪاڏي پتي
جي ياد وساراڻي ڇڏي."

مهراج هنـڪي جاسوسي ڪتاب "دغاباز دولتمند"
آڻي ڏنو.

ٿورن ڏي ڏينهن ۾ ڪندن جـو وقت ڪٽي ويو.
جاسوسي ڪتاب پڙهندي وقت جنسي اڏامندو وينده هو.
وچير ڪير ڪجهه چوندو هوس ته بيخيالو جواب ڏيندو
هو. خود احمد شاهه جو ماڻهو ايندو هوس ته نتائن جي
ڪوشش ڪندو هو. پـن مهنن جي اندر اندر هـن
شنڪر مهراج جي لئبرري جا سمورا جاسوسي ۽ عياري ءَ
سان پريل ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. ڪتابن پڙهڻ جـي
چهس به عجيب چوس آهي. عياري ۽ جاسوسي ڪتاب
پڙهڻ بعد هو سماجڪ ڪتابن کي لڳو. شنڪر وٽان نه
ڪتاب آڻيندو هو، پر خبر پوندي رام وٽان به ڪتاب
آڻڻ لڳو. جيئن مناءُ خلاف جا نفرت هيس سا به ڪتابن
صدقي هنکي رام جي گهر وڃڻ کان روڪي نه سگهي.
رام جي پرنپٽ ٻڌيءَ کان نه ڇا خود جيئو مائ کـان
ڪتاب وٺي ايندو هو.

اخبار پڙهڻ هينئر ڪندن جو نيم ٻڌجي پيو. سڪول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نامينيشن واپس وٺڻ لاءِ چيو.

عابد خان ظاهري نمڙت سان چيو، ”قبلا، اوهان جو حڪم بر چشم پر....“

”پر ڇا؟“ نوابشاهه اکيون ڦولاري پڇيو.

”اسلام خطري ۾ آهي، اکيان ڇٽن واٽين سان منهن ڏيڻو آهي؛ ڪنهن برجستي مسلمان جي ضرورت آهي.“

”تہ ڇا تون احمد شاهه کي ڦلهڙو مسلمان ٿو سمجهين؟ ڇا اسان ۾ نبيءَ جو خون نہ آهي؟“ نوابشاهه پنهنجي ڪاوڙ کي ضابطي هيٺ رکڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري رهيو هو.

”قبلا، مان آن ڪان انڪاري نہ آهيان؛ پر سيد سائين کي قدر هندن ڏانهن مائل آهي. هندو ڇوڪرن سان ... ....“

”تنهنجي ايڏي مجال ٿي آهي ڪميڻا!“ نوابشاهه هينئر سچ پچ آپي ڪان نڪري ويو. ”رانوڪي رات ۾ تنهنجي دڪان ۽ حويليءَ کي ڇوڇڙي نہ ڏياريم تہ منهنجو نالو نوابشاهه نہ آهي.“ نوابشاهه جي اکين مان آگ جا آلا ٿي نڪتا.

پر عابد خان وري بہ ڪنڌ جهڪائي چيو، ”قبلا! اسلام جي خدمت ڪندي مونکي جيڪا قرباني ڏيڻي پيئي سا خوشيءَ سان ڏيندس. وقت ڪافرن سان دوستي نباهڻ جو نہ، ملت جي خدمت جو آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪثريت اسانجي آهي ۽ پوءِ بہ چند هندو اسانکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ويڙهاڪي پنهنجي من ماني ڪري رهيا آهن. سڀ منسٽريون سنڌن اشارن تي هلي، مسلمانن جا جائز حق پائمال ڪري رهيون آهن. ڇا توهانکي خبر نه آهي ته منزل گاهه واري معاملي جو ڇا ٿيو؟"

"پر هتي ته صرف ڪوٽ جو معاملو آهي، ميان!" نوابشاهه هيئنر ڪجهه تڏو ٿي چيو.

"مان ڪافرن کي سنڌن ئي شطرنج تي، کين ئي شهه ڏيڻ ٿو چاهيان. اڪيلو هوندي به واڻين کي پاڻ ويڙهائيندو رهندس؛ مارڪيٽ پرسان سڪل تلاءُ ۾ عيدگاه جوڙائيندس، مارڪيٽ جو ٺيڪو مسلمانن کي ڏياريندس، ميوي جي پڙين مان ڪجهه پڙيون مسلمانن کي ڏياريندس. سائين احمد شاهه اڻين ڪندو؟ اوهان اهڙي خاطري ڏيو ته مان سياڻي ئي نو شهري وچي پنهنجو نامينيشن واپس وٺي اچان."

"اهي ڳالهيون پوءِ جون آهن. پهرين سعدات جي وقار جو سوال آهي."

"انهن سوالن کي اهڙي تنگ نظريه کان ڏسڻ ملت جي دشمن جي هٿن ۾ کيڏڻ آهي."

"نه چئبو، تون نامينيشن واپس نه وٺندين؟" نوابشاهه وري چڙ مان پڇيو.

"خاطرين ڪانسواءِ ڪنهن به صورت ۾ نه" عابدخان هيئنر بلڪل محڪم ارادي سان وراڻيو. "اسان سالن کان واڻين جي ظلم هيٺان پيڙبا رهيا آهيون. هاڻ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ پنهنجي ملت جي بهتريءَ لاءِ ڪوشش ڪيا آهيون. مان مسلم ليگ جو نمائندو آهيان، اُنجي منظوريءَ کانسواءِ مان هٿ کڻي نٿو سگهان. جيڪي خاطريون مان شاهه سائينءَ کان گهران ٿو تن جي عدم موجودگيءَ ۾ مسلم ليگ مونکي نامينيشن واپس وٺڻ جي اجازت مور نه ڏيندي."

"مسلم ليگ!" نوابشاهه تعجب وچان چيو. "ڪُوٽ ۾ مسلم ليگ ڪڏهن کان وجود ۾ آئي آهي؟ اُنجو پريزيڊنٽ ڪير آهي؟"

"هيءُ بندو." عابد خان ڇاتيءَ تي هٿ رکي چيو. "جڏهن دين دنيا جا والي پنهنجي ملت جي فرض کان غافل ٿا رهن تڏهن رب‌العالمين سهي نٿو سگهي. هو ڪن مومنن جي گهٽ ۾ اچي ٿو وهي. ڪُوٽ ۾ گذريل ڇهن مهينن کان مسلم ليگ وجود ۾ آهي ۽ سائينجن کي ڪا خبر ڪانهي!" عابد خان جي پوئين جملي ۾ ٺٺولي ڀريل هئي.

نوابشاهه عابد خان جي سوال جو هڪدم جواب ڏيئي نه سگهيو. هو اونهي سوچ ويچار ۾ پئجي ويو.

عابد خان وري چيو، "ڇهن مهينن کان مجاهد نيشنل گارڊ صبوح جو مارڪيٽ واري سڪل تلاءَ ۾ قواعد ڪندا آهن، ڇا سائينجن کي اها به سڌ ڪانهي؟ سائينجن کي سارو ڏينهن مست بابا جي مقام ۾ بندگي ڪرڻ مان فرصت ئي ڪٿي ٿي ملي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد شاهه ۽ عابد خان سرچي ويا.... ۽ ڳوٺ جي سانتيڪي ڪبوتر خانه ۾ جهيڙا ڳوڙ باز مچندو ويو، طاقتور ٿيندو ويو.

( ٧ )

اڳين سالن جيان هن سال به ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ لال خان جي گريٽ انڊين ٿيئٽريڪل ڪمپني ڳوٺ جي مارڪيٽ واري سڪل تلاءَ ۾ پنهنجا شاميانا اچي هنيا. لال خان جي اها ٿيئٽريڪل ڪمپني ڳوٺ ۾ ڪافي پياري هئي. ٻه مهنا ڳوٺ ۾ چهل پهل متي رهندي هئي. سئنيمائن ناٽڪن جي شوقينن لاءِ "ليليٰ مجنون"، "هير رانجهو"، شيرين فرهاد"، "ڪرشن سداما" ۽ "راجا گوپيچند" ناٽڪ وندر جو سٺو ذريعو رهندا هئا. جوئاري پاڻ لاءِ ٿيئٽريڪل ڪمپنيءَ سان لاڳو ڪارنيوال قسمت آزمائي جو بهترين ذريعو هوندو هو. احمد شاهه کي نه صرف پنهنجي لاءِ پاس هوندي هئي بلڪ هنکي اهو اختيار به هوندو هو ته جيترن کي چاهي، مفت ناٽڪ ڏسڻ لاءِ اندر ڇڏي. انهيءَ ڪري ڪندن روز نه، ته هڪ نه ٻئي ڏينهن ناٽڪ ڏسڻ ويندو هو.

"ليليٰ مجنون" ۽ "شيرين فرهاد" بعد "ڪرشن سداما"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڏينهن ڪندن ٻمنچات هال نالڪ جو اعلان ڪيو ويو. عابد خان جي دڪان تي ”هندستان“ اخبار پڙهي، ”الوحيد“ پڙهڻ ٿي ويو ته بزار جي چوسول وٽ ڪيمي دال واري ڪان اوپاريل پٿاڻن جو پن وٺي ڪائڻ لڳو. اچانڪ هنجي نگاهه سامهون ڀت تي چنبڙايل پني تي پئي. مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل هو

”هندو ڌرم خطري ۾ - هندو ويرو سجاڳ ٿيو!“

هيٺان لکيل هو....

لال خان مسلمان اڄ ”ڪرشن سدااما“ ناٽڪ ۾ ڪرشن جو پارٽ ادا ڪري رهيو آهي. اهو اسانجي اوتار جي بيعزتي آهي. اسان هندن کي اِن ناٽڪ جو بهشڪار ڪرڻ کپي. تنهن ڪانسواءِ پوليس صوبيدار ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي تي زور آڻڻ کپي ته لال خان کي ”ڪرشن سداما“ ناٽڪ ڪرڻ کان منع ڪئي وڃي.

اُن ڏس ۾ عملي قدم کڻڻ لاءِ پنجين بجي مهراج شنڪرداس جي اوطاق تي عام ميڙ ڪوٺايو ويو آهي. اُن ميڙ ۾ ڳوٺ جي سڀني هندن کي شريڪ ٿي پنهنجي زندهدلي ۽ جو ثبوت پيش ڪرڻ کپي.

گرمکهه ايسرداس ڏنگوراڻي

منتري - هندو سنگهٺن دل

....

پٿاڻا ڪائيندي ڪندن جا ڏند ڄڻ سان لڳي ويا. ڪٿا گرمکهه ڏنگوراڻي، ڪٿا هندو سنگهٺن! گرمکهه ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشادي ۽ اوچي ٿيندي ٿي وڃي. لال خان ڪيترن
سالن کان "ڪرشن سدامآ" ناٽڪ ۾ ڪرشن جو پارٽ
ادا ڪندو آيو آهي. اڪبر نہ ڪنهن کي هندو ڌرم جي
بي حرمتيءَ جو ويچار نہ آيو، ڀڦڪار جو خيال نہ
ٿيو. ڪر ڪہ اڄ رات ڏي نئين ناٽڪا شمشاد بيگم
پنيان ماريو ماريو پئي ڦريو.

ڪندن اڳتي وڌي ڪُرِيُون مٿي ڪري پٽ تي
پنڙابل پنو ڦاڙي ڇڏيو. ڪندن دل ئي دل ۾ اهو
سوچيو تہ لال خان جي ڪرشن جي پارٽ ادا ڪرڻ
سان ڪرشن کي ڪهڙي چوٽ رسندي؟ هندو ڌرم جي
ڪهڙي بي حرمتي ٿيندي؟ ڇا ايشور ۽ ڌرم اِنسان کي
برادري ڀاؤ، پريم ۽ ايڪتا جو پيغام نٿا ڏين؟ تہ آنهنجي
ڪلي ۾ اِنسان کي اِنسان کان، ڀاءُ کي ڀاءُ کان الڳ
ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ بدظن ڇو ٿو ڪيو وڃي؟

ڪندن اڄ عابد خان جي دڪان تائين ڪونہ پهتو
تہ جو پنيان سڏ ٿيس، "ڪندن!"

هن پنيان ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ شنڪر پئي آيو.
شنڪر ويجهو اچي چيو، "چوسول وارو پنو تو لاٿو؟"

"ها."

"ڇو؟"

"ائين ئي!"

"ائين ئي؟ ڇا اسان آهيون اِن لاءِ ڇنبڙايو هو تہ تون
ڦاڙي ڇڏين؟ تو کي جيڪڏهن پنهنجي ڌرم جو اونو نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته پل مسلمانن سان ڪائيندو پيئندو رهي. هنن ڪان ڪتا پتارائيندو....

”مهراج سنڀالي ڳالهاءِ نه ته....“

”مڪيءَ جو پٽ آهين نه پاڻ تائين آهين. شاهه جو دادلو آهين نه پاڻ تائين آهين؟ پر ڌرم ۽ هندو سنگهاڻ جي ڪاري ۾ دخل نه ڏي. نه ته ننهنجي لاءِ اها ڳالهه سٺي نه ٿيندي!“ ماڻهن جو چڱو ميڙاڪو مڙي ويو.

ڏيپچند ڊڪ منشيءَ پڇيو، ”مهراج ڳالهه ڇا آهي؟“

”لال خان ’ڪرشن سدامي‘ ناٽڪ ۾ ڪرشن جو پارٽ ادا ڪري رهيو آهي“

هاءِ رام!“ خوشيرام حلوائيءَ چيو. ”مسلمان ۽ هندو اوتار جو پارٽ!“

ميڙاڪي ۾ ساڻول به اچي شامل ٿيو. هينئر هن اڳتي وڌي چيو، ”لال خان جي ڪرشن جي پارٽ ادا ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟“

”تون به نه سڀڻ جو چاڙتو آهين نه؟“ مهراج چيو.

”توڪي جٺي چوٽيءَ جي لاج جي ڪهڙي سڌ!“

”ها، هن صوفي لاڪوفيءَ کي ڀنگ پيئڻ ۽ جوئا ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي خبر آهي!“ نورڏيمل پنهنجي دڪان تان ڊڪ آچليو.

”ٻر مان تو پڇان، هڪ مسلمان جي ڪرشن جو پارٽ ڪيو ته ان ۾ ڪهڙي اربع خطا آهي؟“ ساڻول دردي نوع ۾ پنهنجو سوال دهرايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بس اسين ٿا چاهيون تہ ڪو بہ مسلمان اسانجي اونار جو نقل ڪري.“ مهراج چيو.

”واهہ جو جواب آهي!“ سانول ڪاڙي چيو. ”توهان ڇا ٿا چاهيون؟ توهين چاهيو ٿا تہ ڳوٺ جي ڪرشانتيءَ ۾ آگ لڳي وڃي؟“

”اها باهہ تہ عابد خان وچرائي آهي.“ خوشيرام چيو.

”۽ اوهان آن ۾ ڪيهہ ٿا وجهو، ائين نہ؟“ سانول ٺهڪ ڏنو.

”پنهنجي ڌرم جي عزت بچائڻ ڪي جيڪڏهن توهان آگ ۾ ڪيهہ وجهڻ ڏو سمجهين تہ ڀلي سمجهہ. توهان جهڙن جنچندن ني تہ ڌرم جي اهـا درگتي آندي آهي. پر هندو وير سجاڳ ٿي رهيا آهن...“

ڪندن شنڪر جو وڏيڪ آپديش نہ ٻڌي، نرڪي ويو.

شام جو سڪل تلاءَ تي رام جي هوٽل واري تنبوءَ ۾ پهچي هن ڏٺو تہ ”ڪرشن سڌاما“ ناٽڪ بجاءِ ”ليلي مجنون“ جـو بورڊ هنيو ويو آهي. رام کان پڇڻ تي معلوم ٿيس، تہ جڏهن سانول احمد شاهہ ڪي بزار ۾ ٿيل واقعي جو احوال ٻڌايو تہ هن هڪدم لال خان کي بالوت ڪهرائي سمجهايو ۽ ”شنڪر سڌاما“ نـاٽڪ رد ڪرڻ لاءِ چيايو.

دل جـي ڀاڙ ڪي دل اندر دٻائي ڪندن مرڪي چيو: ”ٺيڪ آهي. اڄ رات وري هڪ دفعو لال خـان

جي بهترين دلسوز ڳائڻ پرتڻ جو وجهه ملندو. ليلي ليلي پڪارون ميين بن ۾، ليلي وسي موري. من ۾! .... ڇا غضبناڪ درد آهي لال خان جي سريلي ڳلي ۾!"

احمد شاهه سان گڏ ڪنڊن رات جو جڏهين "ليلي مجنون" ناٽڪ ڏسڻ ويو تہ ڪارنيوال واري حصي ۾ هنکي سانول ڏسڻ ۾ آيو. ڪنب واريءَ سٽيءَ سان، هو سامهون ڪتل بورڊ تي نشان ڇٽي رهيو هـو ۽ پيسري آواز ۾ ڳائي رهيو هو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين آبتا پير....

( ٨ )

لال خان کي سڄي سنڌ ۾ هيءُ ڳوٺ وڌيڪ پسند هوندو هو، انهي ڪري ڏي آتي پـہ مهنا داپو ڪندو هو. هن ڳوٺ جي سانتيڪي، برادري ڀاؤ واري صوفياني فضا ۾، دل وارن ماڻهن وچ ۾ رهندي، هو ائين محسوس ڪندو هو تہ پنهنجي ڳوٺ ۾، پنهنجن ماڻهن ۾ آيـو آهيان. ڪنهن کي بہ سندس لاءِ شڪايت نہ هئي ۽ نہ وري کيس ڏي ڪنهن لاءِ شڪايت نہ هئي. ڪارنيوال ۾ جوئارين ۽ هنجي ماڻهن وچ ۾ غلط فهميون آئنديون ڏـي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهيڃاڻ به مٽيءَ ۾ ملي ويندا."

رام رحيم ۽ ڪرشن ڪريم جي فرق ڪان رهت لال خان جي دلي جذبات کي سخت چوٽ رسي، پر هُو سچو فنڪار هو. دل جي درد کي دل اندر دٻائي چيائين، "قبلا، اوهانجو حڪم برچشم. سان فضا کي وڌيڪ ناگوار بڻجڻ نه ڏيندس. اڄ رات 'ليليٰ مجنون' جو ناٽڪ ٿيندو ۽ مون کوٽ ۾ اهو منهنجو پويون ناٽڪ ٿيندو."

"ڪيڏانهن وينديں؟" "احمد شاهه دکي دل سان سوال ڪيو.

"دوزخ ڏانهن. دوزخ وچ ۾ هڪ سورڳ پري لڌي هُم جتي آسائش وٺي ايندو هوس؛ پر دوزخ جي غضبناڪ اُڳ ان سورڳ پريءَ تائين به پهچي ويئي. ڏهه سال اڳ پنجاب جي فتنه انگيز فضا کان ڪنارو ڪري صوفين جي ديس سنڌ ۾ آيو هوس. منهنجي ڏسندي ڏسندي سچي سنڌ جي فضا بدلبي رهي، پر اوهانجو کوٽ شاندار روايتن جيان اڏول رهيو. ۽ اڄ .. قبلا، انسان برادين ۾ نڪتو آهي؟" لال خان لنبو ساهه کنيو.

شاهه جي اوطاق مان نڪري پنهنجي شاميانيءَ ۾ پهچي، لال خان پنهنجن هٿن سان "ڪرشن سداما" جو بورڊ لاهي، "ليليٰ مجنون" جو بورڊ ٽنگيو. مئنيجر کي سڏي چيائين، "اڄ رات جي کيل کانپوءِ سامان سهيڙڻ جي تياري ڪجو. سڀان صبوح جو هتان ڪوچ ڪنداسين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لال خان!“

هن پنهنجو پير رڪيب تان لاٿو. پريان احمد شاهه جو خاصخيلي خانڻ پئي آيو.

”ڇو!“ لال خان رڪاڙي ۾ مان چيو. ڇا اهو ٻڌائڻ آيو آهين ته شمشاد احمد شاهه جي اوطاق ۾ ي آهي؟“

”شمشاد نندي شاهه سائين ۾ جي اوطاق ۾ ئي!“ خانڻ حيرت وچان چيو. ”تنهنجو دماغ ته ٺيڪ آهي. نندي شاهه سائين ۾ کي تو اهڙو سمجهيو آهي؟“

”نڌهن ڇا آهي؟“

”نندي شاهه سائين ۾ تو کي ڀاڙوٺ ڪهرايو آهي. ائين به چيو اٿس ته تون اڄ وڃي نه سگهندين.“

”ڇو؟ سال جي انـدر انـدر گهوٽ سان کهڙي ويڙن ٿي ويئي آهي؟“

احمد شاهه مست بابا جي مقام تي، نوابشاهه جي ڪٽ تي اڪيلو ويٺو هو. لال خان کي سوڙهي لنگهه مان اندر گهڙندو ڏسي چيائين، ”تون ته گهٽوئي رهڻ چاهين، پر حالتون توکان مونکان وڌيڪ طاقتور آهن. نائڪا ڪانسواءِ تون وڃي ئي ڪٿن ٿو سگهين؟“

شاهه هن کي هٿ جي اشاري سان پنهنجي ڪٽ تي وهاريو.

”خانڻ کي خبر آهي ته مان تـوهانجي پيغام ملڻ تي ٽانگي مان لهي آيـو آهيان. بيل ڳـاڏيون ۾ ٽانگا هلڻ لاءِ تيار بيٺا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وچين ڪيڏانهن ٿو؟“

”حال في الحال ته نوشهري وڃي رهيو آهيان.“

”منهنجو خيال آهي ته آءٌ ڏهه ڏينهن هتي ترسان.“

ناٽڪا ڪانسواءِ جهڙو هت تهڙو ٻيو هنڌ. هت رهندي ممڪن آهي ته ناٽڪا جو ساٿ ملي سگهي.“

”اوهانجو مطلب ڇا هي؟ اڄ اوهان پروين ۾ پيا ڳالهايو!“

”تون هت رهي ناٽڪن جو پروگرام رٿ. هر رات ناٽڪ واري وقت لاءِ شمشاد کي تنهنجي شاميانـي ۾ پهچائڻ منهنجو ذمو آهي. انن ڏهن ڏينهن بعد تـون شمشاد کي ساڻ وٺي وڃي سگهندين.“

”قبلا، مونکي ڪجهه نه سمجهايو.“

شاهه پانءِ نه هنجو سوال ٻڌوئي ڪو نـه. چيائين، ”آن بندوبست لاءِ هڪ شرط آهي. هت رهندي تـون شمشاد ڪان ڪي نه پڇندين ۽ منجهس ڪا بندش نـه وجهندين.“

لال خان ڪو جواب نه ڏنو.

”تون هاڻي پلي وڃ. بيل گـاڏيون ۽ ٽانگا واپس ڪر. رات جو شاميانـي ۾ گڏبا سون. خاطر جمع رک، شمشاد پوري وقت تـي پهچندي. احمد شاهه جـو قول پٿر تي ليڪو آهي.“

لال خان جي وڃڻ بعد شاهه، خـانڻ ۽ مست بابا جي نقام ۾ حاضر آدمين کي چيو، ”جيڪو ٻڙڪ ٻاهر

ڪيندو تنهنجي ڪل لاهي ڇڏيندس."

آٽ ڏينهن پوءِ ناٽڪ ختم ٿيو. بعد شمشاد لال خان کي چيو، هاڻي ڪڏهن به هلو. مان اوهان سان هلندس."

لال خان هڪدم مئنيجر کي سامان سهيڙڻ جو حڪم ڏنو ۽ پنهنجي ڪي ٿيٽر ڪان اڳ ڏي گريٽ انڊين ٿيئٽريڪل ڪمپنيءَ جو اثالو ڳوٺ مان روانو ٿي ويو.

( ٩ )

رام به سڪل نلاءَ ۾ لڳايل عارضي تنبو پٺي ڇڏيو. هينئر وري ڇوڪرين جي اسڪول واري سندس هوٽل ڳوٺ جي شوقينن جو مرڪز بڻجي پيئي. سانول به نت نيم هوٽل بند ٿيڻ جي وقت کان اڳ ايندو هو. هوٽل بند ٿيڻ بعد ٻئي ڄڻا پوکوءَ جي باغ ۾ ويندا هئا. ٻارهين هڪ نائين بنسري ۽ گانا ٻڌي ڳوٺ واپس ورندا هئا. سانول ڪڏهن ابراهيم جي جهوپڙيءَ ۾ ويندو هو، ڪڏهن مست بابا جي مقام ۾ هليو ويندو هو. بعضي بعضي پنهنجي گهر به هليو ويندو هو.

ڪتيءَ جي پورنماسيءَ رات هڪ بجي، گرسنگت ۾ گرونانڪ جو جنم ٿيڻو هو. سانول دستور مطابق رام جي هوٽل تي پهتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڄ گرسنگت ۾ هلنداسين." رام دڪان کي تالو ڏيئي چابيون کيسي ۾ وجهندي، چيو.

"اُتي ماڻهو ٽن مقصدن سان ويندا آهن، تون ڪهڙي مقصد سان ٿو هلين؟"

رام ٿهڪ ڏيئي چيو، "اول تون اهي ٽي مقصد سمجهاءِ ته مان توکي پنهنجو مقصد ٻڌائيندس. توکان ڇا لڪائڻو آهي."

ٻئي پاسي واري گهٽيءَ ۾ گهڙيا.

"هڪڙا گروءَ ۾ سچو صدق رکي گروائي ٻڌڻ ويندا آهن، پر اهڙا ٿورا ماڻهو هوندا آهن، ڪاڻ ڪٽيا! گهڻي ڀاڱي پوڙها مرد ۽ ٻڍيون مايون! آهي پرلوڪ جو توشو ٺاهڻ لاءِ ويندا آهن."

"باقي شخص ڇو ويندا آهن؟" رام وري ٿهڪ ڏنو.

"ٻين کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا گرسنگت جا چوها ڪڻاهه جي لالچ تي ويندا آهن؛ ٻيا ڇوڪرن ڇوڪرين کي تڪڻ ويندا آهن. گرسنگت ويندڙن ۾ وڏو حصو اُنهنجو هوندو آهي."

"سو توکي به سڌ آهي؟"

"ڇو مان ڪوڙ ڪونه ٿو رهان ڇا؟ هاڻ ٻڌاءِ ته تون ڇو ٿو هلين؟"

"منهنجو گروجن ۾ سچو نشچو آهي. تو دڪان تي گروجن جي تصوير ٽنگيل ڪانه ڏٺي آهي؟"

"مون تصوير کان وڌيڪ به ڏٺو آهي." سانول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪي چيو. ”تون دڪان تي اچڻ شرط اگربتي دکائي، اکيون بند ڪري هٿ جوڙي بيهندو آهين. رات جو سمهڻ وقت به گروجن جو ڌيان ڌريندو آهين.“ سانول عجيب ٺهڪ ڏنو.

”اڃا به تون منهنجي گرسنگت ۾ هلڻ جو مقصد ڄاڻڻ ٿو چاهين؟“ رام ڪي قدر گنڀيرتا سان چيو.

”مونکي ڄاڻڻ جي خاص چاهنا ڪانهي. مونکي صرف پيءُ تي قياس ٿو اچي.“

ٻئي ڄڻا گرسنگت وٽ پهچي ويا هئا. سانول جي ڳالهه ٻڌي رام چيو، ”چاچي لاءِ؟ مون ڇا ڪيو آهي؟“

”تون گرسنگت مان ٿي اچ ته پوءِ ٿو ٻڌايانءِ. مان ڇٽن جي دڪان تي وڃي ٿو ويهان. ڪمبخت دڪان کولي وڏيڪ ڪمائي ڪرڻ سان گرپرب ملهائي رهيو آهي. ڀوڳ پنهنجي رهي ۽ تنهنجي دل گهر هلڻ تي ٿئي ته مونکي ڇٽن جي دڪان تان سڏ ڪج.“

”اجائي انتظار ۾ وجهي ٿو وڃين نه؟ تون ڇو نه ٿو اندر هلين؟“

”جنهن مقصد سان تون اندر وڃين ٿو سو مونکي نه آهي. تون اکيون ٺاري اچ، مان تو کي جهليان ڪونه ٿو.“

اِئين چئي هو رام جي جواب جو انتظار نه ڪري، ڇٽن جي دڪان ڏانهن وڌي ويو. ويندي ويندي هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيسري آواز ۾ آلا پنهنڊو ٿي ويو:

يار نه ڪجي هڪڙو، ٻه ٿان نه ڪجن....

* * * * * *

چڻن جي دڪان تي بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ ٻن
ٽن ڇوڪرن چانهه ويٺي پيتي. گپ شپ پئي هنياڏون.
خانڻ به پئي ٽنگون هڪ ڪرسيءَ تي رکي ڪرونڊڙو
ٿيو ويٺو هو. سانول سڌو دڪان تي مٿي چڙهي ويو ۽
برنيءَ مان ڪيڪ ڪڍي کائيندي، چڻن کي چيائين،
"اعتراض ته ڪونهيَ نه؟ ڏاڍي بک لڳي اٿم."
"تو سان ڪهڙا ليکا آهن، يار!" چڻن کلي چيو.
"اڄ ڪلهه تنهنجا درشن ئي درلڀ ٿي پيا آهن. نئين
يار ملڻ تي اسان جهونن کي وساري ڇڏيو اٿيئي."
سانول ڪيڪ کائيندي، مرڪندو رهيو.
چڻن هڪ آيو ساهه ڀري چيو، "يار تنهنجو ڏوهه
نه آهي، دنيا ئي ڦري ويئي آهي."
"اڙي هڪ ڪيڪ لاءِ ايڏو سياپو ٿو ڪرين! وٺي
به پئسا وٺندين نه؟" سانول ٺهڪ ڏنو.
"سؤ ڪيڪ کاءُ دلبر! پر پيرو نه ڇڏ. ڪڏهن ڪڏهن
ٽنڊپڻ جي دوستن کي به ياد ڪندو ڪر."
سڪولي ڇوڪرا چانهه جا پئسا ڏئي ڪري گرسنگت
ڏانهن وڃي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڄ اڃا دوڪان کولي ويٺو آهين؟“ سانول ٻرڏيءَ ماڻ پيو ڪيڪ ڪيندي سوال ڪيو.

”سمجهيو هوم ڳرڀرپ جي موقعي تي ڪماڻيندس، پر ڳراهڪ ڏي ئا اچن.“

ڳرڀرپ تي ڇا ماڻهو چانهه پيئندا آهن؟“ سانول وري ٺهڪ ڏنو. پوءِ خانڻ ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”ميان هت ڳهيرت ويٺو ڪائين، تنهن ڪان اوطاق تي ڇو نٿو وڃي سمهين؟“

”ننڊو شاهه سائين اڃا ڪونه موٽيو آهي.“ خانڻ ٽنگون هيٺ ڪري سڌو ٿي ويهندي چيو.

”ڪاڏي ويو آهي؟“

خانڻ کو جواب ڏئي تنهن کان اڳ چٽن چيو، ”خبر ڪانه اٿيئي، مڪي صبوح کان وٺي ڳردي جي سور ۾ ڦٿڪي رهيو آهي؟“

”ڪاڪو مونکي ته ڪا خبر ڪانهي.“

”ننڊو شاهه شام کان وٺي مڪيءَ جي گهر ويٺو آهي.“ خانڻ چيو.

”ڪاڪي جي حالت اهڙي نازڪ آهي ڪٿن؟“ سانول صندل تي ويهي پڇيو.

”ٻڌجي ائين ٿو مڪي هيٺ مٿي ٿيو ته ڏينگوڏي ڏيري تي ويندو. ڪندن اڃا آلڙ آهي، آئل ٻي سمجهه ملڪيت رلي ويندي.“

”ڪنهنجي ملڪيت؟“ سانول چڻ ننڊ مان سجاڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سوال ڪيو. جواب ۾ وري پاڻ ڏنائين، ”ڪاڪيم
ڇا ڄمندي اهڙي ملڪيت ڪٿي آيو هو؟ ڪندن ۾ صفا
ٻار ڪونهي. تنهن ڪانسواءِ احمد شاهه جهڙو رڃ مڙس
مٿس هٿ رکندو. تون ڀــ ڪهڙيون عجيب ڳالهيون
ڪندو آهين! ملڪيت غــريبن جــي رلندي آهي، تباهه
ٿيندي آهي. شاهوڪارن جي وڌندي آهي يا عيش ٻلي
ڪتب اچي ڪن ٻين کي ورسائيندي آهي. چڱو، هڪ
ڪوپ ڪڙڪ چانهه جو تيار ڪري وٺ ۽ ها، هڪ
ڪيڪ ٻيو ۾ ڏينم. ٿڌ ۾ بک ۾ وڌندي آهي.“

سانول جي رخ کي ڏسي چٽن ڳالهه ڦيرائي ڇڏيو.
چانهه ڪوپ ۾ اوتيندي چيائين، ”اڄ تون ڪــن طرف
ڪيٽن نڪري پيو آهين؟“

”خيال پرهوءَ جي باغ ۾ وڃڻ جو هو پر رام
ٻڌانهن کهلي آيو. گروجن ۾ سچو صدق اٿس نــه؟
ڪمبخت....“

مَن جملي پوري ڪرڻ جــي ضرورت محسوس نــه
ڪئي. هو ڪيڪ کي چڪ هڻي چانهه پيئڻ لڳو.

گفتگو اڳتي ڪانه وڌي ٻئي ڄڻا خاموش رهيا.

سانول اڃا چانهه ٻــي خلاص ڪانه ڪئي ته رام
اچي ويو. ”ٻوڪ پنجي ويو؟“ سانول عجب وچان پڇيو
”نه. سونکي مزو نه آيو. آٿ، گهر هلون.“

سانول باقي بچيل چانهه کيت ڪري ٻي ويو ۽ پوءِ
اُٿي کڙو ٿيو. چٽن جــي پٺي اُپرهندي چيائين، ”دلبر،

مهمانوازيءَ لاءِ مهرباني.“

ڇنن جي دڪان ڪان اڳيرو وڌندي سانول چيو،

”نون ته ڪروڙين جو سڄو شرڌالو آهين، پوءِ توکي مزو ڇو ڪين آيو؟“

رام جواب نه ڏيئي صرف ٺهڪ ڏنو.

”ڇنبو نه منهنجو ڏڪو صحيح هو؟“

”ڪهڙو ڏڪو؟“

”نه تون به گرسنگت ۾ ڇوڪريون ڏسڻ ڏي وڃين. اڳيئي مون کي نه ڇيو نه مونکي ٻيءَ سان همدردي آهي.“

”ڇا، ڇوڪريون ڏسڻ گناهه آهي؟“

”شادي ڪيل شخص لاءِ اهو ثواب به ڪونهي.“

”تون ڏاڍو ساڌو آهين، سانول!“ رام ڳنڀير ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ”خبر نه آهي، ماڻهو توکي افلاطون ڇو سمجهندا آهن! سونهن ڪنهن کي نٿي وڻي! تون هاجره وٽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇو ويندو آهين؟“

”منهنجي هن سان سچي محبت آهي.“

”مان تنهنجي محبت جي ڳالهه ڪانه ٿو ڪريان. مان صرف ايترو ٿو پڇان ته تنهنجي هن سان محبت ڇو ٿي؟ هنجي سونهن ڏسي نه؟“

”پر تنهنجي ته اڳيئي شادي ڪيل آهي ۽ ٻيءَ ٻين سندر ڇوڪرين کان ڇا ۾ گهٽ آهي؟“

”ٻيءَ جي سونهن کان مان انڪار ڪٿي ٿو ڪريان؟

ائين ته هر عورت سندر ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن
مونکي پنهنجي مس به سهڻي لڳندي آهي."

"تون ويچاري آهين." سانول ڪي قدر ڪراهت
وچان چيو. "تو ۾ ۽ گرمڪ ۾ باقي فرق ئي
ڪهڙو آهي؟"

"هن ۾ مون ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. مان
هر گل کي پريءَ کان ڏسي اکيون ٺو ٺاريان؛ اُن گل جي
ويجهو نٿو وڃان. گرمڪ ڀنوَر آهي. هو هر گل جي
ويجهو وڃي اُنجو واس وٺي، اُنجي جوڀن ۽ جمال کي
ناس ٿو ڪري. پر ڇا تون خود حسن پرست نه آهين؟"

"آهيان، پر مان هڪ ئي ڦول جو شيدائي آهيان."

"باغ ۾ هر هڪ گل پنهنجي سر سندر ٿيندو آهي، پر
سڄي چمن جي سونهن صرف هڪ پشپ ۾ سمايل نه
ٿيندي آهي؛ تنهن دنيا جي هر عورت ۾ ٿوري گهڻي سندرتا
ضرور ٿئي ٿي، پر اُها مڪمل سونهن جي مجسم نه ٿي
رهي. هاجره ۾ اڄ توکي اچانڪ سمپورڻ سونهن ڪٿي
نظر اچي، پر ڇا اُن کان اڳ پڇن، نرمل ۽ ڪندن
تنهنجا منظار نه هئا؟ ڇا تون خاطريءَ سان چئي سگهين
ٿو ته هن کانپوءِ تون ڪنهن ٻئي جي سونهن کان متاثر
نه ٿيندين؟"

"مونکي پڪ آهي ته مان هاجره کانسواءِ ٻئي ڪنهن
ڏانهن اک کڻي به نه نهاريندس."

"اهڙو نشچو شايد تو پڇن، نرمل ۽ ڪندن پيري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇانئي ٻچهي خاموش ٿي ويو.

”جڏهن ڇا؟“ سانول آناولو ٿي پڇيو.

”جڏهن ڇوڪري غريب هاريءَ جي ڌيءُ ۽ سالي آهي ۽ ڇوڪرو ٻگين واري جو آواره پٽ آهي. هيءَ سماج پيسي وارن جي ئي پرواهه ڪندي آهي. تڏهن ته سان نوڪي ڇوندو آهيان ته ڪو ڏنڊو ڪر. ۾ ڏي دفعا پاڻ سان ڀاڳيداريءَ جي آڇ ڪئي ٿيماڻ ۾ پر تون پنهنجي ئي ڌڙ ۾ مگهن آهين.“

”سان شاهوڪار بڻجڻ نٿو چاهيان؛ ۽ جيستائين دال روٽي مليم پيئي تيستائين مونکي چنتا ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.“

”اڙي ڀائي، نوڪي ڇا سمجهايان! تون منهنجي سمجهائڻ سان ڪونه سمجهندين. جڏهن ڇڪي تان تنهنجي ضنت لهندي، تڏهن ڏڪا ڏوما کائي پاڻهي سمجهندين ته اڄ جي دنيا ۾ پئسي ۽ محنت جو ڪيترو قدر آهي.“

”سان محبت ۾ بدقسمت ٿي سگهان ٿو، پر جوئا ۾ هرگز نه.“ سانول ٽهڪ ڏنو.

”قسمت ته ڪڏهن ڪنهن سان هميشه لاءِ ساٿ ڏنو آهي! قسمت ظالم آهي، منهنجا دوست! پيسي وارن ۽ چار سؤ ويهه آدمين ڪانسواءِ ٻئي جي مشڪل حمايت ڪندي آهي. پر اسين وري پنهنجي بحث جي دائري کان نڪري وياسين. هان ... هي روئڻ جو آواز! مکيءَ جي گهر مان ٻارن ڪيڏڻ جو آواز؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شايد ڪاڪو؟“

”اوچتو ئي اوچتو؟“

”خانڻ ڳالهه ڪئي ته صبوح ڪان وٺي ڳڙدي جي سور ۾ ڦٿڪي رهيو هو.“

”ويچارو ڪندن!“ رام آيو ساه ڀريو. ٿي جم ڪٺي بيهي ويا.

خير هلئو هر ڪنهن کي آهيئي“ رام گنڀير نوع ۾ چيو. کن ترسي وري چيائين، ”قسمت سات ڏنو نه ڪندن جي پيسن ۽ منهنجي محنت سان سڀ ڪجهه ٿي پوندو.“

تون هنکي احمد شاهه جي چنبي مان ڪڍي نه سگهندين. هو ڳوٺ جو وڏيرو آهي ۽ تون....“

رام ساول کي جملو پورو ڪرڻ نه ڏنو. گنڀير نوع ۾ چيائين، آن کي ڏسي ويٺو. گهٽ ۾ گهٽ مان ويهن ننهن جو زور ضرور لڳائيندس.“

ڪي گهڙيون ٿي خاموش ويٺا رهيا.

”سونکي اڄ رات ننڊ نه ايندي. تون پنهنجي گهر ويندين نه؟ چڱو مان هلانٿو.“ ۽ ساول جي جواب جو انتظار نه ڪري، رام اٿي وڃي ويو.

ساول پنهنجي گهر جو ڪڙو ڪڙڪايو. ۽ هنجي چپن تي هو بيسرو گيت:

دنيا ۾ داڙو باڙي هر ڪنهنجو، ڏينهڙا ٻه چار آهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( ١٠ )

رام کي سڄي پچ سڄي رات ننڊ نه آئي. هو هوائي قلعا اڏڻ لڳو. ڪيهه جي گهڙي واري ڇوڪري جيان هو سوچڻ لڳو ته ڪندن سڄي پچ منهنجي قبضي ۾ اچي ويو آهي، مکيءَ جي ٽجوڙي کولي منهنجي اکيان رکي اٿس. رام هينئر جنسي هوا ۾ اڏامڻ لڳو.... ”رام هوٽل“ هينئر صرف دڪان نه رهندي. اها هينئر وڏن شهرن جي ايراني هوٽلن کان به وڌيڪ شاندار ٿي ويندي. تنهن ڪانسواءِ ڪندن ۽ ڪمپني کلندي جنهن ۾ مان ڀائيوار ٿيندس. ڪندن ۽ ڪمپني ڪا جهڙي تهڙي فرم نه ٿيندي. سڄي ساهتيءَ ۾ اُن جهڙي فرم نه هوندي. جي- بي منگهارام جي سول ايجنسي، اي- سي- اي سيمينٽ جي سول ايجنسي، ساهتيه اليڪٽرڪ ڪمپني جي مئنيجنگ ايجنسي ۽ راما ٽاڪيز جي مئنيجمينٽ وغيره سڀ اسان وٽ اچي ويندا....

رام وڏن شهرن ۾ رهيو هو ۽ هنکي ڏنڌي وڌائڻ ۽ پيسن ڪاهڻ بابت نوان ۽ وڏا خيال هئا. هن اکيان مشڪلات صرف پيسي جي رهندي هئي؛ پر اڄ هن آن مسئلي جو به حل ڳولي ڪڍيو هو ۽ اهي سڀ مانڊاڻ منڊيندو رهيو. پر ائين ڪيهه جي دلي وارا پور پچائيندي پچائيندي اوچتو جڏهن سانول جا لفظ ٿي ياد آيس ... نون ڪندن کي احمد شاهه جي چنبي مان ڪڍي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندين ته هن جا اهي سڀ خيالي ڪوٽ، واريءَ جا
محل ڪن ۽ ڍهي ٿي پيا.

رام دل کي وري پيو آٿت ڏيندو رهيو ......... مان
ڪوشش ڪندس. اِنسان سچائيءَ سان ڪوشش ڪري
ته ڇا نٿو ڪري سگهي. اهڙي طرح دل کي ڏڍ ڏيئي
هو وري آتسنا پڙهڻ لڳو. اڃا صبوح ٿيڻ ۾ ڪجهه دير
هئي جو رام هٿ منهن ڌوئي نبراني ڏي مکيءَ جي گهر
ڏانهن هليو. اوچتوئي هنکي ويچار آيو .... پر جي مکي
مٺو ڏي نه هجي ته؟ انهيءَ ويچار ايندئي هنکي ڊپ ڪر
وٺي ويا، پر هنجا قدم ڪونه رڪيا؛ هو اڳتي وڌندو
رهيو. ٽاروملَ ڏکن واري جي جاءِ وٽ پهتو ته هنکي
مکيءَ جي گهران روئڻ جو هلڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.
هنجا پٽ سنوان ٿيا.

اوطاق جو دروازو کليو پيو هو. رام اندر لنگهي
ويو. سانول جو پيءُ منشارام، ڪندن جو پيو سوٽ
ريلو، پاڙي وارو ڪونگومل اڳيئي ويٺا هئا. پريان هڪ
ڪنڊ ۾ آئل روئي رهيو هو ۽ ڪندن اشڪبار اکين
سان هنکي پرچائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

جيڪا رام جي مرضي!" رام منهن کي غمگين بنائڻ
جي ڪوشش ڪندي منشا رام کي چيو ۽ پٽ ڏي
ويهي رهيو.

آهستي آهستي احمد شاهه، نوابشاهه، عابد خان، ڪرمچند
ڍنگوراڻي، مهراج شنڪر ۽ نو ٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توهين درست آهيو قبلا! ڀڳوان هنکي ڏکيا ڏينهن نہ ڏيکاريندو، تڏهن بہ دورانديش ٿيڻ چڱو آهي.

”ڪندن کي پنهنجو پڙهڻ تہ ڪٿن بہ جاري رکڻو پوندو. سوال آهي مکيءَ جي ڪرت سنڀالڻ جو. اوڌرون رهيل آهن، زيور ڳهہ رکيا آهن، گرويءَ جا دستاويز پيا آهن ۽ نجاڻان ڪهڙا پيچيدا معاملا هوندا، تنجو ڇا ڪجي؟“

رام جي دل ڪڳيون هڻڻ لڳي. هو من ئي من ۾ جئي لال جي جوت اڳيان نميو، پر ٻاهران خوشيءَ جي ڪا ڏيکاري نہ ڏنائين. چيائين، ”قبلا، اوهان جهڙن بزرگن جي هوندي سڀ پيچيدا مسئلا آسان ٿي پوندا.“

پر مان پاڻ تہ ڪونہ وجهي مکيءَ جي دڪان تي وهندس. منشارام جا افعال سجهني ٿا، رکہ ٽپڙ تہ ٿهيئي ڪونہ. سانول جوئاري ۽ آواره، ريلو بدچلن ۽ بدمعاش. ڪندن جي ناناڻي پهر ۾ بہ ڪو سٺو پرو ڪونهي.“

شاه خاموش ٿي ويو.

”مان جو ويٺو آهيان.“ رام جي چپن تائين اهي اکر آيا پر هن پاڻ کي وقت سر روڪي ورتو. سوچيائين... صبر ڪان ڪم وٺڻ کپي. تر جي گهٽي سؤ چوٽون کائي. ڪٿي ٿهيل ٿڪيل ڪم نہ بگڙي وڃي.“

”نون مکيءَ جو ڏنڊو سنڀاليندين؟“ شاه هينئر مطلب جي ڳالهہ تي آيو.

شاهہ جي انهيءَ سڌي سوال تي رام گهڙي کن لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهي پيو، پر ستت ئي پاڻ سنڀالي ورتائين.

”قبلا منهنجو پنهنجو دڪان“ رام پنهنجي دل جي سچي تمنا کي ضابطي هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”تنهنجي دڪان تي ڇا ڪرڻو آهي؟ چانهه گدو ناهي سگهندو. ڪلفيون ۽ آئسڪريم جو وقت نه آهي ڪونه. نون روز شام جو ڪلاڪ اڌ وڃي نظرداري ڪري اچج. مکيءَ جي دڪان تي به نون اڪيلو نه هوندين. مينگهو آهي، ڪندن به پڻ چار ڪلاڪ اچي ويهندو. ڇو ڇا تو چوين؟“

”ڇا چوان؟“ رام ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. ”سائينجن کي ناڪار ڪرڻ جي ڪنهنکي مجال آهي.“

ٻئي ڏينهن ئي رام مکيءَ جي دڪان تي اچي ويٺو. هن شاهه ۽ ڪندن سان، آجوري جي ڳالهه به صفا نه ڪئي. مهني بعد شاهه هنکي اسي روپيه ڏياريا. رام چپ چاپ آهي اکين تي رکيا، نه منهن گهنجايائين نه چپ چوريائين.

نئين مکيءَ جي سوال تي پنچات ۾ ڪليو ڪلايو ٻه ڌريون ٿي ويئون. ڊاڪٽر مينگهراج، سيٺ دولترام ۽ ٻين بزرگن جو رايو هو ته مکيپڻ جي پڳ ڪندن کي ٻڌائي وڃي ۽ گڏوگڏ نائب مکي به چونڊيو وڃي جو ڪندن جي بالغ ٿيڻ، هنجي تعليم ختم ڪرڻ تائين پنچات جو منهه مک ٿي رهي. پر مهراج شنڪر، خوشيرام

ڪان الڳ رهڻ ٿو چاهيان. مان بابي وارو ڌنڌو به ڪرڻ نٿو چاهيان."

"پيءُ وارو ڌنڌو نٿو ڪرڻ چاهين؟" شاهه حيران ٿي پڇيو.

"ها، مونکي غريبن جو رت چوسڻ نٿو وڻي."

"احمد شاهه ٺهڪ ڏنو. "تون اڃا آلڙ نينگر آهين." شاهه ڪنڌن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيرائيندي چيو. "غريبن جو رت چوسبوئي رهبو. تون نه چوسيندين ته ڪو ٻيو چوسيندو. هنن جو رت آهيئي چوسڻ لاءِ، آن ۾ اوهو وڃڻ نه ڪپي. ٻيءَ طرح پيسا ٺهڻ جا ٿي نه آهن."

"ايمانداريءَ جا ڌنڌا به ته آهن!"

"ايمانداريءَ جا ڌنڌا؟ ڌنڌو ۽ ايمانداري؟ توکي شايد سانول برغلايو ٿو ڏسجي."

"سانول سان مون ڳالهايو ئي ڪونهي. مان جي- بي منگهارام ڪمپنيءَ جي بسڪيٽن ۽ ڪنفيڪٽرن جي ساهتي لاءِ سول ايجنسي ڪڻڻ ٿو چاهيان. ٺٺهن ڪانسواءِ ساهتي اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جا شيئر وٺڻ ٿو چاهيان. وياج وٺڻ جو ڪم مونکي بلڪل نٿو وڻي. اڄ ڪلهه ماڻهن جي منورتي ڦري ويئي آهي. ٻڪريون تعميل نٿيون ڏي سگهن. هارين جي زمين لڪائي وٺي نٿي سگهجي."

شاهه هيئنر اڳي کان به وڌيڪ حيران ٿي سوال ڪيو: "تون سڪول جا ڪم به ڪندو آهين يا نه؟ ٻڪرين ۽ زمينن جي چڪر ۾ ايترو جلد ڪٿي گرفتار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويو آهين؟"

ڪندن ڪو جواب نه ڏنو. شاهه به ڪجهه وقت خاموش رهيو. پوءِ سنجيدگيءَ سان چيائين، "سنڌ اسيمبليءَ لئنڊ ايلئنيشن بل ۽ مني ليئڊرس بل پاس ٿيڻ بعد وياج وٺي جو ڪم برابر اوکو ٿي ويو آهي، پر ٻئي ڏنڌي مان ايڏو اپراسو ڪٿي آهي. خير، انهن ڳالهين کي ڇڏي وٺبو. تون اول پڙهڻ سان چاهه رک."

"مان مکيه قبول ڪونه ڪندو هئس، جيڪڏهن اوهان منهنجي ڌنڌي بدلائڻ جي ڳالهه قبول نه ڪندا." ڪندن محبوبائي حجت سان چيو.

"مان پاڻهي رام سان سڀ ڳالهه جو بندوبست ڪندس" شاهه هنڪي دلاسو ڏنو.

"مونکي ٻي ڳالهه به ڪرڻي آهي؛ ڪاوڙ ته نه ڪندا؟"

"چئو."

"مون اڄ ابراهيم کي زينت جا ڳهه موٽائي ڏنا."

"اڙي تون ته ڪو ڳهليو آهين. اِن طرح تون مکيءَ جي پونجي مهني اندر برباد ڪري ڇڏيندين. خبر اٿيئي، اِن پونجيءَ تي اُئل جو به حق آهي. امانت ۾ خيانت ڪرڻ نه کپي." شاهه مرڪيو.

"نڌهن ته مان ڌنڌي بدلائڻ لاءِ ٿو چوان. وياج وٺي جي حالت ۾ مان غريبن محتاجن کي سندن ڪروريءَ جا ٽپڙ موٽائي ڏيندس."

رام ڪندن معرفت جو نيرو آچليو هو تنهنجو نشان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي نه ويو. هن ڏينهن پوءِ شاهه خود سالس جي ٻي سنگهارام ڪمپنيءَ جي ايجنسي جي ڳالهه ڇوري. رام چيو، ”ايجنسي پارس پٿر ثابت ٿيندي، پر مان ڪهڙو ڌيان ڏيئي نه سگهندس. مونکي پنهنجي هوٽل به نه سنڀالڻي آهي. آسي روپيه ماهوار مان مونکي پورت نٿي پوي.“

”بسڪيٽن جي ايجنسيءَ ۾ تنهنجي چار آنا پتي رکبي. تون پنهنجي هوٽل به سنڀاليندو رهج.“

آندو گهري الله کان هڪ اک ۾ ملنس ٻئي ته جيڪر ڇا محسوس ڪري! رام کي به ٺيڪ اهڙي ئي قسم جي خوشي ٿي. هو ٻئي ڏينهن ئي سڪر چڙهي ويو.

## (١٢)

ڳوٺ ۾ هندن توڙي مسلمانن جا سڀ وڏا ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهايا ويندا هئا. هندو ۽ مسلمان گڏجي هڪ ٻئي جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ايامن کان ڳوٺ جي اها شاندار روايت هئي؛ پر هن سال ڏياري ۽ عيدالفطر تي اهـا ڀڙي لڳي پيئي. عيد ڏي مسلمانن عابد خان جي سورش تي هندن کي تنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڙي ۾ پهريون دفعو ڳئو ڪوس ڪيو. ڳوٺ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳين سالن جيان هن سال به ڀهراڻي ۾ ميلي جي هر ڳم ۾ سانول ۽ مدن فقير اڳرا رهيا. سانول لاءِ تي هي ۽ چيٽي چند خوش قسمتيءَ جو سنديش کڻي آيو. هاڃره سانس گڏ ساڳي بيل گاڏيءَ ۾ ڦيرن هلي، ساڳي ٻيڙيءَ ۾ درياه جو سير ڪيائين، ساڳئي پڪل پلي سان گڏجي کاڌو کاڌائين ۽ .... ۽ عمر ڀر سانس محبت ڪرڻ جو واعدو ڪيائين.

تيرن مان واپس موٽڻ کان اڳ ۾ نوابشاهه جي دل ملهه جي ملاکڙي ڏسڻ ٿي ٿي. جانباز لنگوٽيون ٻڌي ميدان ۾ آيا. خانڻ مدن فقير کي دمي اچانڪ ماري. ملي عبدالغنيءَ ٻنهي ميدن ۽ پنهنجي محبوب گوپال کي پيرين پئي ابراهيم وڳڻ کي ٻنهي ملهن ۾ جيتي، سوپ جو سهرو ٻڌو. ملو عبدلغني خانڻ، چمن، پوهو ۽ وريام ڪلهوڙي کي دمي ميدان ۾ ڪڍيون هٿڻ لڳو.

”آهي ڪو مائيءَ جو لال جو ميدان ۾ اچي.“ ملي للڪاريو.

”سانول ڪٿي آهي؟“ نوابشاه پڇيو ۽ سانول کي زور مان سڏ ڪري چيائين، ”وارو ڪر. ملو مڃرجي پيو آهي. اها ٿيڪڙ نه لاهينس.“

”شاهه سائين اڄ نه. اڄ پلو ڪاڌي منهنجو پيٽ اڦرجي پيو آهي.“

”مرد نه آهين، گاندو آهين.“ احمد شاهه سانول کي جوش ڏيارڻ لاءِ طعنو هنيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وڃان؟“ سانول آهستگيءَ سان پرسان ويٺل هاجره کان پڇيو.

”ها، مون تنهنجي بهادريءَ جي هاڪ ٻڌي آهي، اڪين سان نه ڏٺا.“

هاجره جي اکين ۾ موهيندڙ چمڪ هئي ۽ چپن تي دلڪش مرڪ.

سانول چوٿون ڀيرو ٻڌي ميدان ۾ آيو. منهنجي ڪٽي، هٿ هڻي نعرو هنيائين، ”مست بابا، مدد!“ پوءِ ستر تي تڪ هڻي هاجره ڏي نهاريائين. هن مرڪي محبوب جي همت افزائي ڪئي. ٻه جوڙا هڪ ٻئي کي جنبي ويا. انگرين جا داءَ پيچ شروع ٿي ويا. پهرين ملهه سانول جيتي.

”اڙي پهرين ملهه جيتيءَ نه ڇا ٿيو.“ ملي بدن تان مٽي اُگهندي چيو. ”ٻيا ماڻ جا، ٻي ملهه منهنجي آهي.“

سانول اڪ ٽيٽ ڪري وري هاجره ڏي نهاريو. پوءِ ٿهڪ ڏيئي چيائين، ”ملا، اڄ نه ڪٽندين. اڄ منهنجو ستارو زور آهي.“

ٻي ملهه به سانول جيتي. مدن فقير سانول کي ڪلهي تي چاڙهي، نوابشاهه اڳيان ڪٺي آيو. نوابشاهه سانول جي پٺي ٺپرهندي چيو، ”لاشڪ تون شير مڙس آهين!“

موٽندي بيل گاڏيءَ ۾ سانول هاجره کي آهستي چيو، ”محبت جي ڪرامت ڏٺءِ؟“

”اون هون!“ هاجره اکيون ٽمڪائي کنڌ ڌوڻي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهنجي همت افزائيءَ ڪانسواءِ ماءِ ڏئوس سان ٻچڻ جي منهنجي جاءِ هئي! تون ڦري نه نه ويندين؟؟“

”او هون!“ هاجره مرڪندي آکيو.

آها سڄي رات سانول کي خوشيءَ وچان ننڊ نه آئي

(١٣)

جيٺو ماهه هند تي ليٽي، پاسا ڦيري ورايا. هنجي سيني ۾ زوريءَ دٻايل جذبا اوچتو بيدار ٿي آٿيا هئا. جذبات جي اِن وڏندڙ طوفان ۾ هنجي دل جي آگ ڀڙڪي، تيز ٿيندي ٿي ويئي. اڄ ميلي ۾ ملهن جي ملاکڙي ۽ مردانگيءَ جو مظاهرو ڏسي هنجو جسم ڦڙڪي آٿيو هو، سيني ۾ لـرزش آئي هئي. دل ۾ ڄڻ ڪنهن اڇلـ چٺنگ ڦوڪ ڏيئي ورتي ڀڙڪائي ڇڏيو. هـن پنهنجي حسرت کي دٻائڻ لاءِ سؤ جتن ڪيا، پر ڪامياب نه ٿيو! ارمان اڇهامڻ کان نابري وواري ٿيا. تمنائون اڄ پنهنجي ڳلي دٻائڻ کان ڀڙ ڪڍي بيٺيون هيون. هنجو جسم ڀڳهرسان شل ٿي ويو هـو، دل دماغ ڏکي رهيو هو ۽ ننڊ نـه معلوم ڪهڙي اوڙاهه ۾ وڃي غرق ٿي هئي.

گهنشام اڃا ڪنوارو آهي! جذبات جي طوفان ۾ آواز ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ساڻول جهڙو سگهارو ۽ مضبوط نه آهي، سندس جي ڪنهن ڪنڊ مان جواب آيو.

ساڻول آواره آهي.

منهنجي اکين ني آهي، مان جنڊ پيهي محنت مزوري ڪري کيس کارائيندس.

ڇا، رام جي تقوي ومري ويو؟

وري نه هئي ڏسي؟ مان گهر ڇڏي ويندس. ساڻول رام کان وڌيڪ طاقتور آهي.

ساڻول نه مڃي تہ!

مان جوان آهيان، سندر آهيان، موهني آهيان!

مان جوان آهيان!

سندر آهيان!

موهني آهيان!

جذبات اجهل ٿيندي ويئي، تمنائون طاقتور ٿينديون ويون، ارمان ڪڙ موڙيندا رهيا.

ملي جي ٻانگ جو آواز آيو. ڪڪڙ دس هڻڻ لڳا. جيئو ساڻ اٿي کڙي ٿي. عورت باغي بڻجي چڪي هئي، محڪم ارادو ڪري چڪي هئي ۽ آئينده بابت رستو ڳولهي چڪي هئي.

(٥)

"نوابشاهه شادي ڪري رهيو آهي." خانڻ کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دڪان تي چانهه پيئندي اعلان ڪيو.
”ڪنهن سان؟“ مدن فقير پڇيو.
”ابراهيم وڪيل جي سؤٽ، هاجره سان.“
اها خبر باه جيان سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي ويئي.
سانول پنهنجو دلپسند گيت ”سهڻي مان سر لڳي منهنجو....“ بيسري آواز ۾ ڳائيندو بازار مان مارڪيٽ ڏانهن هلي ويو.
”تو کي خبر آهي؟“ پيمن سانول کي بيهاري پڇيو.
”ڇا جي؟“
”نوابشاهه شادي ٿو ڪري.“
”ڪنهن سان؟“
”ابراهيم وڪيل جي سؤٽ، هاجره سان.“
سانول جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي.
”ڪير ٿو چوي؟“ هن پنهنجي سموري طاقت سنڀالي پڇيو.
”سڄو ڳوٺ ٿو چوي.“
”ابراهيم مڃيو آهي؟“ سانول ٻيو سوال ڪيو.
”ڇا هنکي مجال ٿيندي جو نوابشاهه کي انڪار ڪري!“
”هاجره کان پڇيو ويو آهي؟“
”تون ڳهيلو آهين!“ مصري خان وچ ۾ چيو. ”هاجره کي ڪهڙو اعتراض ٿيندو؟“ هوءَ نه پٽ جي هندورن ۾ وچي لڏندي.“
”شاهه نه اڪيلي پرٽيل آهي.“ ناروءَ ٻيڙيون ٻڌندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڪ اُڇلائيو.

”اسانجي شريعت چئن شادين جي اجازت ٿي ڏني،
ڇا توکي اها خبر به ڪانهي؟“ مصري خان ٽهڪ ڏنو.

سانول پويان پير ڪيا ۽ رام جي گهر وٽ پهچي
در کڙڪايائين. در جيئوماءُ اچي کوليو. هنجي حيرت ۽
خوشيءَ جي حد ڪانه رهي. وات مان هڪ لفظ به نه
اُڪليس. هوءَ هٽي پوئتي ٿي بيٺي. سچي محبت جـي
جي ڇڪ گهاٽي ٿي آيس .... جيئوماءُ سوچڻ لـڳي ....
هاڻي ڪيڏانهن بچي ويندو! هنجي چپن تي سوڀ جـي
مرڪ کيلڻ لڳي. پنهنجي موڙ ۾ مستان، سانول جي زرد
چهري ڏانهن هنجو ڌيان ئي ڪونه ويو.

”صبوح صبوح جو ڪٿان آيو آهين؟“ رام ڏنـدڻ
اُڇليندي چيو.

”منهنجي دنيا ڇوپٽ ٿي ويئي!“ سانول رڻڪهارڪي
آواز ۾ چيو.

جيئوماءُ جي منهن جو پنو لهي ويو.

”ڇا ٿيو آهي؟“

”نوابشاهه ۾ هاجره سان نڪاح ٿو وجهي.“

”ڇوري ڀاڳن واري آهي! شڪار به شڪارن جهڙو
وڃي ڦاسايائين.“ رام ٽهڪ ڏنو.

”مان مري رهيو آهيان ۽ توکي کلڻ مذاق
پيو سجهي.“

”منهنجي هوندي تون ڪٿان مرندين؟“ رام ٽهڪ ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها، منهنجي هوندي تون ڪٿي مرندين؟" جيٺومل دل ئي دل ۾ ساڳيا لفظ دهرايا.

"ڪو رستو ڪڍ." سانول التجا ڪئي.

"رستو آهي، ذرا اوکو."

"ڪهڙو رستو آهي؟" سانول آتاولو ٿي پڇيو.

"مسلمان بڻجي وڃ."

"وري مذاق ٿو ڪرين نه!"

"مان سچ ٿو چوان. تون مسلمان بڻجي وڃ. عابد خان تو مسلم لاءِ دين جو واسطو وجهي نوابشاهه کي مڃائيندو."

"مسلمان بڻجي وڃان؟" سانول اڀوڄهه آلڙ ٻار جيان پڇيو.

جيٺومل جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هوءَ سوين ساهون ساهي ويٺي.

"مسلمان بڻجي وڃان؟" سانول ساڳيءَ ريت وري پنهنجو سوال دهرايو.

"مان صلاح نه ڏيندو سانءِ." رام هينئر گنڀير بڻجي چيو.

"هڪ ڇوڪريءَ خاطر ڌرم وڃائيندين؟" ٻيءَ رنڌڻي مان پڇيو.

"مون آواره لاءِ ڌرم ڪي ڪهڙي معنيٰ آهي؟" سانول چيو. "سانولداس مان سانول خان بڻجي وينديس. پر مونکي سانولداس به ڪير سڏيندو آهي؟ مان هميشه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانول جو سانول رهندس.“ سانول جي چپن تي ڦڪي مرڪ نمودار ٿي.

”نولاءِ ڌرم کي ڪا معنيٰ ڪانهي،“ رام ڪنپبر نوع

”نڌمن ڏي نه مان ڌرم بدلائڻ جي صلاح نٿو ڏيانءِ.“ ڏيانءِ.“ توُن ڌرم بدلائين نه آنجو مطلب اهو ٿيو ته ڌرم کي معنيٰ ڏني.“

”يعني؟“ سانول هنجو مطلب نه سمجهي سوال ڪيو.

”نه نه توکي ڌرم بدلائڻ جي ضرورت محسوس ڏي ڇو ٿي؟ هينئر تون صوفي آهين، لامذهب آهن ۽ لامذهب هوندي اسلام مذهب ڪئن اختيار ڪندين؟“

”تنهنجون اهي هوائي ڳالهيون مونکي سمجهه ۾ نٿيون ومن. مان هاجره کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”تون هاجره کي سکي رکي سگهندين؟ ته وٽ سکڻي پيار ڪانسواءِ هنلاءِ آهي ڏي ڇا؟“ نٿو مون جيتري محبت نوابشاهه هن سان ڪري سگهي.“

”آواره جي محبت تي ڪهڙو بقاءَ! ۽ جي اهو آواره جوئاري آهي ته پڳڙان رکي وٺي. مور ڪه نه بڇج، پنهنجي ذاتي سک لاءِ هاجره کي عمر ڀر جي عذاب ۾ نه گهل. پنهنجي رضا خوشيءَ هنکي نوابشاهه جي حوالي ڪري ڇڏ. پوءِ اڇي منهنجي هوٽل سنڀال. اڄ نه سڀان، ڪانه ڪا سندر موهني ازخود توڏانهن ڇڪجي ايندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باز جي برابر ٿيو آهي!"

سانول جي دل وڏيڪ صدمو برداشت ڪري نہ سگهي. هو ٽڙندو ٿاٻڙندو پرگهل ڪان ٻري هٽي ويو ۽ نولکي جو ڪپ ڏيئي، مست بابا جي مقام ڏانهن وڌيو. هنجي دل ۾ اڄ صرف هڪڙو ئي سوال بارِ بار پئي اٿيو .... ڇا انسان ايترو بي شڪر، ايترو ذليل بڻجي سگهي ٿو؟

(١٥)

سيد نوابشاهہ بخاريءَ جو ٻيو نڪاح اسلامي شريعت مطابق هاجره عثمان وڳڻ سان ٿي گذريو. هاجره دل جا ارمان دل اندر دفن ڪري، شاهہ جي حويليءَ جي اوچين پتين پٺيان غائب ٿي ويئي. بن جي آزاديءَ مٿنا سونهري پڃري جي بند ڀاڻي بڻجي پيئي. ابراهيم وڳڻ هوندي، غريب هوندي بہ شاهہ جو، ڳوٺ جي هڪ زبردست هستيءَ جو سنڌو بڻجي پيو، سالو بڻجي پيو. هنکي ڪا جاگير ڪانہ ملي، ڪو رتبو ڪونہ مليو، پر تڏهن بہ هو خوش هو؛ ۽ دل جي خوشي ڇا ڪنهن خزاني يا خطاب کان گهٽ آهي؟

هاجرہ جي شاديءَ تي هڪ ٻئي انسان کي بہ بيحد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ اُنهن مٿان غالب پئي، اُميد جو سهارو ڀڳڙي،
هنجي راهه ۾ اکيون وڇائي ويٺي هئي.

مهڙ جي ڀيڪڙ بيل دروازي ٻاهران دڪي ني
ڪنهنجو ڏگمگائيندڙ قدمن جو آواز ٿيو. جيٺوماءُ جي
جيءَ ۾ جان آئي. هن ڏاڍي خبرداريءَ سان دروازو
کوليو. اڄ سانول هوندءَ ڪان وڌيڪ نشي ۾ هو. جيٺوماءُ
هنکي هٿ جو سهارو ڏيئي اندر ڇڪيو. کٽ تي بسترو
اڳيئي وڇائي ڇڏيو هئائين. سانول کي اُتي ليٽائي مهڙ
وارو دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

”بک لڳي هوندءِ.“ جيٺو ماءُ پاڻ ءَ سان پڇيو.
روٽي کٽي اچان؟“

سانول ڪو جواب نه ڏنو. نشي جي هڏڪي ڏيئي
پاسو بدلايو.

چانڊني رات ۾ جيٺوماءُ هنجي منهن ڏانهن نهاريو؛
اهو ڪهڙو نه زرد ٿيڄي ويو هو! اکيون اڌ کليل،
واڇون ڪي قدر ٽڙيل ۽ مٿي جا وار منهن تـي وري
آيل.... هن ڏانهن نهاريندي نهاريندي جيٺوماءُ جي اکين
۾ آنسو ڀرجي آيا.

”تون شراب ڇوٿو پيئين؟“ هن گوڏن ڀر زمين تي
ويهي، سانول جا وار سنواري هنجي ڳلن کي پنهنجن هٿن
۾ جهلي پڇيو.

”تون شراب پيئڻ ڇڏي ڏي. تنهنجي هيءَ دردشا
مونکان سٺي نٿي وڃي.“ هوءَ سانول جي پيشانيءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ڦري اُن ڏانهن وار هٿائڻ لڳي.

”تون سانڍهن جهڙو ٿي هل. منهنجي صدقي! پنهنجي هاجره جو قسم اٿيئي!“ هن سانول کي منهن مٿي ڪري آهو پاڻڏانهن ڇڪيو. ”زماني صرف توسان ٿي بي انصافي نه ڪئي آهي. مان به ڏکن ڏٺي آهيان.... سورهن سالن جي هيس، تڏهن مائٽن شادي ڪرائي. پر ٻن سالن بعد ٿي وڌوا بڻيس. دنيا ۾ جيڪو هڪڙو جان جگر هوم سو به سال اندر وري آيم.

منهنجي جوان دل اندر جيڪڏهن ڪي حسرتون ۽ ارمان هئا ته اُن ۾ منهنجو ڪهڙو قصور! پر ڳوٺ جي ڪامي پرشن مونکي صرف رانديڪو سمجهي مون سان کيڏيو. ڪنهن به منهنجي حسرتن کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي. ٻيدرد زماني مونتي ذرو به ترس نه کاڌو.“

سانول کي وري هڏڪي شروع ٿي ويئي. جيٺوماڻ پنهنجا هٿ هنجي منهن تان هٽائي ڇڏيا.

”هاجره!“ سانول پڙ پڙ ڪئي. جيٺوماڻ جي ڳلن تان ڳوڙها وهڻ لڳا

”ٻيدردا! تون به زماني جيان بي قياس آهين!“

”ڪٿي آهين هاجره!“ سانول بيهوشيءَ ۾ محبوبا کي پڪارڻ لڳو.

”مان هتي آهيان، تنهنجي سامهون...“ جيٺو ماڻ چپ کي چڪ پائيندي چيو. سانول پنهنجو ٻانهون ڦهلائي

لاءِ سراسر بيدرد نڪتين...."

جيٺوماڻ جي اکين مان جهر جهر لڙڪ وهڻ لڳا. ارچنو ڪـڏ ني ٿـورو ڪڙڪو ٿيو: جيٺوماڻ پاڻ سنڀالي ساڻول حو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ هنجي سيني تـان پنهنجو سر هٽائي ڇڏيائين.

ٿورو وقت هوءَ خاموش ويٺي رهي. پوءِ اٿي، آهستگي سان ڏاڪڻ نان چڙهندي مٿي پهتي ۽ ورانڊي ۾ پيل کٽ تي ڪري وهاڻـي ۾ منهن لڪائي سڏڪا پري رئندي رهي.

( ١٦ )

ملڪ جي راڄنيتي هينئر بلڪل نڪڙي ڦرندي رهي ۽ سنڌ ديس به اُنهيءَ بدل سدل کان آجو رهي نه سگهيو. سنڌ اسيمبليءَ جون نڪڙيون چونڊيون ٿيون. مسلمانـن جون سڀ جڳهيون، هڪ ڪانسواءِ مسلم ليگ جيتيون ۽ هندن جون سڀ جايون ڪانگريس کٽيون. چونڊن وقت ڪانـگريس پريزيڊنٽ جوهر لعل نهرو سنڌ جـو دورو ڪندي هـر هنڌ چيو، "پاڪستان اسانجي لاش تـي ٿيندو."

نهرو آزاد ڀارت جو پهريون پرڌان منتري بڻيو، پر آن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جتي پيچرو ناهي جاءِ، آني پيچرو ڪم ورڻام جو.“ رام ڪنهن نوع ۾ چيو.

”ها.“ سانول عجيب انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻي چيو. ”اوهانکي خاص نقصان به ڪونه پوندو. جتي ويندا اتي ڀير ڪئمپرن ۽ بسڪيٽن جي ايجنسي ملي ويندو، شاندار هوٽل ڪيڏي سگهندا ۽ شايد سئنيما به ملي وڃيو. اوهان کي ڪهڙي کٽتي آهي.“

”ڇا، تون نه هلندين؟“ رام البت حيرت پريو سوال ڪيو.

”مان؟“ سانول ٺهڪ ڏنو. ”مونکي هت ڪير ماريندو؟ ۽ اڦٽ ماريل کي ڀير مارڻ مان ڪين حاصل ٿي ڇا ٿيندو؟“ سانول آپو ساهه پريو.

جيئوماءُ پريان بيٺي ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. هنجو هينئڙو پرجي آيو. دل ۾ آيس ته سانول جو سر پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي، هنجا وار سنواري هنکي آٿت ڏيان، پر دهيل سرد آهه ڀرڻ کان وڌيڪ هوءَ ڪجهه ڪري نه سگهي،

”تون به اسان سان هل. توکي هت ڇڏي اسين ڪيئن وينداسين؟“ رام چيو.

”مونکي چاڻ آهي ته تون منهنجي خوشامد ڪونه ٿو ڪرين.“ سانول گنڀير نوع ۾ چيو. ”مونکي خبر آهي ته تون سچ پچ چاهين ٿو ته مان توسان هلان؛ پر مان نه هلندس ته تون رهجي پوندين، اها ڳالهه مان ٿو

جي ڳوڙهن ڏرنڪن کي، ڳوٺ ۾ مون ڪانسواءِ ٻيو ڪير
ڪلهو ڏيندو؟ اِن نئين روزگار جي شروعات اوهان جي
سامان ڍوئڻ سان ڏي ڪندس."

هو ورڪ ليٽي پيو ۽ پاسو ڦيرائي ڇڏيائين.

رام جي اکين ۾ آنسو ڀرجي آيا پر انهنکي پي
ويو. ٻيءَ کان مرد ٿيڪارو ڀرجي ويو. جيئوماءُ جي
دل زار زار روئڻ لڳي.

اڌ رات گذرڻ بعد، ڏاکڻ تان ڪنهن جي لهڻ جو
هلڪو آواز ٻڌي سانول اکيون کوليون.

"تون.... جيئوماءُ؟" سانول سمهي پئي ڏي چيو. پر
پوءِ اٿي ويهي چيائين، "اج مان نشي ۾ ڪونه آهيان،
جو توکي هاجره سمجهي سيني سان لائيندس. تنهنجي
دل جو ڀاءُ مان بخوبي ڄاڻان ٿو، پر مان مجبور آهيان.
ننڍي هوندي کان وٺي مون ٻيءَ کي ڀيڻ سمجهيو آهي
۽ ان ناتي تون منهنجي ماءُ آهين!"

جيئوماءُ جي دل تي ڀاري ڌڪو لڳو. سانول
اکيتي چيو، "جڏهن سڳي ماءُ ڏي مونکي ڇڏي ويندي
رهي، تڏهن تون هت رهي ڇا ڪندي هين؟ توکي وڃڻو
ڏي پوندو. هاڻي تون وڃي سمهه، صبوح ٿيڻ ۾ اڃا دير آهي."
جيئو ماءُ بيٺي هنجون هاريندي رهي.

"پڙاءُ ڪونه؟" سانول خوشيءَ مان چيو، "وڃ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئو ساءُ کي هنجي اکيا جي الٽڪهن ڪـرڻ جي همت نہ ٿي. رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي مٿي هلي ويئي.

* * * * * *

احمد شاهہ جي صلاحن سان ڪندن ۽ رام، ڏيـرڍيا روڊ اسٽيشن کان سنڌ ايڪسپريس پڪڙڻ جو فيصلو ڪيو. سامان بنل گاڏين تي چاڙهڻ لاءِ بہ چـار آدمي اڳيئي آيل هئا پر سانول ڪنهن کي بہ ڪي چـوڻ ڪانسواءِ ٽرنڪون ۽ بسترا ڍوئڻ لڳو. هن ڏٺو تہ مدن فقير بہ هنن سان گڏ وڃي رهيو آهي.

سانول ٺٺولي ڀرئي نوع ۾ چيو، "مدن فقير تون بہ؟ تو کي هت ڪهڙو ڏک آهي؟"

مدن فقير جواب ڪونہ ڏنو، صرف مرڪڻ جي ڪوشش ڪيائين.

ڪندن جا پيسا ۽ رام جي محنت تہ اتي بہ رنگ لائيندي، پر تون ڇا وڃي ڪندين؟

مدن فقير وري بہ ڪو جواب نہ ڏنو.

"تنهنجو محبوب ڳاڙهو غني بہ تہ هت آهي. خير.. اتي بہ تو کي نئون محبوب ملي ويندو." سـانول وري سامان ڍوئڻ کي لڳي ويو.

ڪندن جمن ۽ ٻين مزورن کـي مـزوري ڏيئي رهيو هو تہ سانول بہ هن اڳيان هٿ ڦهلائـي چيو، سيٺ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي مزوري!

ڪنڌن منجهي پيو، پر رام هڪدم کيسي مان پنجن روپين جو نوٽ ڪڍي سانول جي هٿ تي ڪنٽي رکيو.

”نر جي ٻچي!“ سانول نوٽ پيشانيءَ تي رکندي چيو ۽ منهن ورائي گهٽيءَ ۾ گهڙي ويو.

هن نه ڪنهن سان وڏيڪ ڳالهايو ۽ نه ڪنهن ڏانهن منهن ورائي نهاريائين. ٿورو اڳتي وڌي هن اڄ به پنهنجي بيسري آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو....

پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، وڃي آهيءَ ۾ آڙيا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)